# مقدس متي

( ڪهاڻيون )

عباس سارنگ

سنڌي ادبي سنگت، جيڪب آباد

www.sindhikitab.net

# ارپنا

اول کان موجود
۽
شل ازل تائين
قائم رهندڙ
سنڌ ڌرتيءَ جي نانءُ

عباس سارنگ

# ڪتاب
# ۽
# ڪهاڻيڪار متعلق

**مُهاڳ:**

## ”ڏڪاريل ڪردارن جو ڪهاڻيڪار“

هن ڪائنات ۾ ڪابه شيءِ مطلق Absolute نه آهي. سڀ ڪجهه حوالا آهن، رفرنسس آهن، انهن حوالن ۾ به جي مطلق آهي ته اها شيءِ آهي ”تبديلي“. غارن ۾ رهندڙ ماڻهن کان وٺي اڄ جي جديد گهرن ۾ رهڻي ڪرڻي پئي ڦري آهي ۽ جي Change نه آئي آهي ته اها ماڻهوءَ جي اڪيلائيءَ ۾، ڏک ۾ ۽ زندگيءَ جي بي ثباتيءَ ۾، ۽ ماڻهو ڳولا ۾ آهي. ڳولا جا سڪون ڪي تلاشي ٿي، جڏهن ته ماڻهو ڪي جي پناهه ملي به آهي ته فن ۾، فن جو آهي سُرن ۾ آهي بئنسري جي.......

زندگيءَ جي شروعات جڏهن غارن ۾ ڪئي وئي ته ماڻهو ئي فن ۾ پاڻ اظهاريو....... ۽ غارن جي پٿين ڪي چٽي..... زندگي جا قيد آهي وقت ۾...... ۽ وقت جو پاڻ ڪي ٽن حصن ۾ ورهائي تو ڇڏي، ماضي، حال ۽ مستقبل ۾. زندگي ان ٽڪنڊي ۾ قيد آهي. ٽن ڪنڊن ۾ جيڪي به حادثا ٿين ٿا. اصل ۾ ان حادثن جو اثر به عمر تي Depend ڪري ٿو. ڪڏهن ڪڏهن عمر ئي محسوس ڪرڻ جو ماپو ٿئي، ۽ ڪڏهن عمر به دخل اندازي نه ڪري..... ساڳي عمر

هوندي به ماڻهوءَ جي محسوس ڪرڻ جي سگهه مختلف هوندي آهي. ڏک ئي ماڻهوءَ ڪي محسوس ڪرڻ جي سگهه وڌائي تو ۽ جيڪو وڌيڪ محسوس ڪندو ان وٽ اظهار به سگهارو هوندو.

جيڪڏهن ڪو حادثو ٿئي، ان ڪي ڏسندڙ هڪ کان وڌيڪ هجن ۽ يقينن..... هڪ کان وڌيڪ مختلف اينگلس تي هوندا. انهن جو مشاهدو مختلف ٿي ويو. بلڪ ان ڪي محسوس ڪرڻ به ان جي عمر نه بلڪ محسوس ڪرڻ جي Capacity تي هوندو. جيڪو وڌيڪ

حساس هوندو، اهو وڌيڪ اظهار ڪري سگهندو. ائين ئي سڀ ڪجهه آهي ان غار جي ماڻهوءَ کان هن مهل تائين جي ماڻهوءَ سان ڪيڏندڙ حادثن ڪري جو به ڏک پيدا ٿيو آهي. ان جو اظهار هر دور ۾ مختلف رهيو آهي. اهو اظهار پل پوءِ چوڻ ڪهاڻيءَ ۾ هجي.

ڪهاڻي– آدم ۽ حوا کان شروع ٿي، اڄ به آدم ۽ حوا سان ئي ڪيڏي ٿي. صرف اظهار جيئن پوءِ تيئن طاقتور ٿيندو تو رهي. اهو چوڻ ته ”پراڻو وقت اڄ کان بهتر هو“ يا ائين چوڻ ته اڳ واري ڪهاڻي اڄ جي ڪهاڻي کان وڌيڪ بهتر آهي. اهو سراسر غلط آهي. صحيح ته اهو آهي، سماج ۾ جيئن ترقي ٿيندي رهي ٿئين، ڪهاڻي ۾ به ترقي ٿيندي رهي. ڊاڪٽر اسحاق انصاريءَ پنهنجي هڪ انٽرويو ۾ چيو ته ”جمود ٿيندو ئي نه آهي. جمود نه اڳ هو ۽ نه هاڻي، ته تخليقي دور جي شروعات ئي هاڻي ٿي آهي“.

سچ ته اهو آهي ته اسان ڪي چيو ويو ته ڪهاڻي جو گهاڙيٽو ئي هڪ آهي. شروعات، وچ ۽ پڇاڙي. پر حقيقت اها آهي ته ڪهاڻي جي ڪا جاميٽري هوندي به نه هوندي آهي. جنهن جي شروعات ۽ پڇاڻي هوندي به نه هوندي آهي. بلڪل ائين جيئن نيري آسمان ۾ اڏامندڙ بادل، يا ڏٺل خواب. جنهن خواب ڪي واضع ڪرڻ جي باوجود به ڪجهه نه ڪجهه رهجي ويندو هجي. ائين ڪهاڻي ۾ به سڀ ڪجهه هوندي به ڪجهه نه ڪجهه رهجي تو وڃي. ائين ئي جيئن

پاڻي ڪي ڪو Shape نه آهي. بي رنگ هوندي به رنگدار. هو ته حالتن ڪي ڏسي پاڻ ڪي Shape تو ڏي. ڪهاڻي به ايتري ئي نفيس آهي. ائين ئي ڏيک ڏيندي آهي، ائين ئي محسوس ڪرائيندي آهي.

اهڙن ئي لطيف احساسن ڪي محسوس ڪرائڻ جي سگهه عباس سارنگ ۾ آهي. عباس، اڄ جي دور جو انتهائي حساس ڪهاڻيڪار آهي. هو هن سماج جي پيڙهيل ڌتڙيل ۽ ڏڪاريل ڪردارن جو ڪهاڻيڪار آهي. هو ته انهن

ڪردارن ڪي ٻولي ڏئي مڪمل اظهار ڪرڻ جي قوت ڏئي ٿو. عباس سماجي حقيقت نگاري جو خوبصورت ۽ هاڪاري ڪهاڻيڪار آهي. سچ ته اهو آهي ته سنڌي ڪهاڻي کي پرکڻ لاءِ اچ ڏائين ڪي ٺوس معيار رکي نه ڳالهايو ويو آهي اسان جي نقاد سچائي سان سنڌي ڪهاڻيءَ جي ٻين ٻولين جي ڪهاڻين سان ڀيٽ ڪري ته سنڌي ڪهاڻي ڪنهن به حوالي سان معيار ۾ گهٽ نه هوندي.

سنڌي ڪهاڻي جي معيار کي وڌائڻ واري قافلي ۾ عباس سارنگ کان وٺي انور ابڙو، منور سراج، انور ڪاڪا، عبيد راشدي عزيز قاسماڻي، احسان دانش، امر لغاري، فاطمه لغاري، ابراهيم کرل، اعجاز سمون، رياضت ٻرڙو، سعيد سومرو، سيف الدين سيف، انور ڪليم، محمد صديق منگيو، اصغر گگو، ممتاز لوهار، نصير ڪنڀر، مراد قريشي، فياض چنڊ، اسحاق انصاري، عباس ڪوريجو، فتاح ابڙو، نور ڪوسو ۽ تمام گهڻي اجا ڊگهي قطار آهي. جا ڪهاڻي قافلي ۾ شامل آهي.

عباس سارنگ جي پهرين ڪتاب پڪي اڏاڻا پيار جا ڪان پوءِ هي ڪتاب هڪ سگهاري وک آهي. هن ڪهاڻي ڪتاب ۾ شامل مختصر ڪهاڻيون بلڪل پنهنجي انتهائي خوبصورتيءَ سان شامل آهن. ڪهاڻي ”جاميٽري کان آلجبرا تائين“ انتهائي پاور فل ڪهاڻي آهي. لکي ٿو: ”وري فٽ پٽي کڻي هڪ ڊگهي لڪير ڪڍيائين، لڪير

جي هڪ ڇيڙي تي ”الف“ لکيائين ۽ ٻئي ڇيڙي تي ”ب“ ۽ اجا وڌيڪ خوش نظر آئي پر منهنجي دل دلگير ۽ اٻاڻڪي ٿي وئي، ڇو ته مون کي محسوس ٿيو انهيءَ لڪير جي هڪ ڇيڙي تي مان بيٺو آهيان ته ٻئي ته هوءَ........ هڪٻئي کان جدا جدا جاميٽري ۽ آلجبرا جي حسابن وانگر...... تڏهن منهنجون اکيون پرجي آيون ۽ پاڇي ڪجهه به نه بچيو.“

سچ ته اهو آهي ته عباس سارنگ جي پاڇيءَ ۾ خوبصورت ڪهاڻين جو خوبصورت ڳٽڪو ”مقدس متي“ ئي بچي آهي. اسان سڀ عباس سارنگ مان پراميد آهيون.

اخلاق انصاري

سچل ڪالوني لاڙڪاڻو.

پنڪ خيال:

# ”شعور ڏيندڙ ڪهاڻيڪار“

عباس سارنگ“

مختصر ڪهاڻيءَ جي اَبي ”ايڊگر ايلن پو“ کان وٺي هن جديد دور جي ڪهاڻيڪارن ۾ عباس سارنگ تائين ڪهاڻي ڏگهو سفر طئہ ڪري آئي آهي، جنهن ۾ ڪيئي تجربا پڻ ٿيا آهن.

منهنجو دوست عباس سارنگ ڪافي وقت کان مسلسل ڪهاڻيون لکندو پيو اچي ۽ اهو عمل (مسلسل لکڻ) هڪ ڪهاڻيڪار لاءِ ضروري بہ آهي. هن جي ڪهاڻين جي ڏگهي لسٽ آهي پر انهن ۾ تمام ننڍڙيون ڪهاڻين ڪوڙ ساتريون آهن ۽ انهن ۾ ڪافي تہ رڳو مڪالماتي ڪهاڻيون آهن.

اهڙيءَ طرح هن ڪتاب ۾ بہ رڳو مختصر يعني ننڍڙيون رڳو هڪ صفحي جون ڪهاڻيون ۽ ڪجهہ خالص مڪالماتي ڪهاڻيون شامل آهن. ۽ اهي ئي اهڙيون ڪهاڻيون آهن، جيڪي عباس سارنگ جي سڃاڻپ آهن.

مڪالماتي ڪهاڻي لکڻ چڻ تہ هڪ الڳ فن لڳندو آهي. منهنجي خيال ۾ اهڙيءَ ڪهاڻيءَ ۾ مقصد ڪاميابي سان بيان ڪرڻ ليکڪ جو ڪمال هجي ٿو ۽ جڏهن عباس جون مڪالماتي ڪهاڻيون پڙهون ٿا تہ اسان کي اهو ڪمال نظر اچي ٿو.

عباس جي ڪهاڻين جي اپياس وقت اسان کي اها پروڙ بہ پئي ٿي تہ هو ڪهاڻي ۾ ڊائلاگ ذريعي حق ۽ سچ جي راهہ کي ڳولي لهڻ جو ڏس ڏي ٿو ۽ ڊائلاگ ذريعي ئي غلط ماڻهوءَ کي غلطيءَ جو احساس ڏياري ٿو ۽ اهو سندس ڪمال آهي. سماج ۾ اهڙا

ڪردار موجود آهن ۽ انهن کي ڪهاڻيءَ ذريعي بيان ڪرڻ ۽ انهن جي اصلاح ڪرڻ ۽ نيڪيءَ طرف وٺي وڃڻ ڪهاڻيڪار جو ڪارنامو هجي ٿو.

عباس ڪهاڻي ذريعي شعور ڏي ٿو ۽ هو ان ڪم ۾ مايوس نہ ٿو ٿئي ان ڪري مسلسل لکي ٿو ۽ هونءَ بہ ڪيس چڱيءَ طرح ڄاڻ آهي تہ شعور ڏيندڙ مايوس ٿيو تہ چڻ ذهني شڪست کائي ويو چو تہ مايوسي ذهني شڪست آهي.

عباس سارنگ جون ڪهاڻيون احساس جاڳائن ٿيون ۽ ڪهاڻيڪار جي اها ئي ڪاميابي چئبي جو احساس جاڳائي. مان سمجهان ٿو تہ جيڪا ڪهاڻي ماڻهو کي دونڌاڙي وجهي، سوچڻ تي مجبور ڪري ۽ احساس ڏيارائي تہ اها ئي ڪامياب ڪهاڻي ليکبي آهي.

۽ مان سمجهان ٿو تہ عباس سارنگ ۾ اهي خاصيتون موجود آهن. جيڪي هن کي ڪهاڻيڪار مڃرائن ٿيون.

**سومرو شبير احمد**

جيڪب آباد.

0333-7337296

سوچون ۽ خيال:

## ”حقيقت / سچ جو سفر ۽ عباس سارنگ“

ذهن ۾ سوال اڀريو ته حساس ۽ حساسيت ڇا آهي؟ حساس ماڻهو ان کي چئجي ٿو جيڪو طبيعت ۾ نفيس ۽ نازڪ هجي. الائي ڇو ان جواب تي پاڻ کي مطمئين نه پيو پاتيان ۽ سوال جي جواب جي ڳولا ۾ ذهن مان پنهنجي رت کي ڊوڙائيندي آخر هن خيال سان مطمئين ٿيو آهيان ته حساسيت اها آهي ته جيڪڏهن ڪو ماڻهو حساس آهي ۽ جلدي پنهنجي احساسن سان گڏ ٻين جا به احساس ۽ محسوسات کي سمجهي ۽ ان تي سوچڻ لڳي ۽ ان جي ترجماني ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ته اها ئي حساسيت آهي. شعور جي ڏڪ تي پنڌ سڪڻ جي ڪوشش ۾ منهنجي هٿڙن کي اڪثر حساس ماڻهن جون ئي آڱريون مليون آهن ۽ اڄ به جن جون آڱريون جهلي پنڌ ڪرڻ جي ڪوشش ۾ آهيان. انهن مان هڪ آڱر عباس سارنگ جي آهي. جنهن ڪڏهن به ڪٿي به منهنجو هٿ نه ڇڏيو آهي، هن منهنجي طبعيت کي جيترو سمجهيو آهي شايد ئي ڪنهن ٻئي سمجهيو هجي. هو چڱي ريت ڄاڻيندو آهي ته مان هڪ شاعر آهيان ۽ عباس سارنگ هڪ سٺو ڪهاڻيڪار آهي ۽ ڪيس اها به ڄاڻ آهي ته آئون ڪهاڻي جي ڪاف مان به نه ڄاڻان پوءِ به جڏهن ڪا نئين ڪهاڻي لکندو آهي ته پهريان مون کي ئي پڙهڻ لاءِ ڏيندو آهي ۽ عباس جي ڪهاڻي پڙهندي هر ڀيري سان پنهنجي ذهن ۾ زلزلو ئي محسوس ڪيو اٿم. ايڏو ڪڙو سچ ۽ ايڏي تلخ حقيقت نگاري، ڇا اسان جا ترقي پذير ماڻهو ان کي قبوليندا؟ اهو سوچيندي هڪدم ڪنهن دوست جا چيل لفظ ياد اچي ويندا آهن ”هميشه سچ لکندو رهه ڇو ته سچ پاڻ مڃائڻ جو هنر ڄاڻيندو آهي“.

هڪ ڀيري عباس سارنگ جي ڪهاڻي ”فرشتو“ پڙهي ڪري اهو سوچڻ لڳس ته ڇا ايڏي ڪڙي سچائي اسان جو معاشرو ڪهاڻي جي ويس ۾ قبوليندو؟ اڄ ان سوال جو جواب مون کي ملي رهيو آهي جڏهن عباس جي نئين ڪتاب ۾ اها ڪهاڻي شامل ڏٺي اٿم. ڪهاڻي اثرائتي ۽ ڪارائتي اها هوندي آهي جنهن ۾ معاشري جي خامين تي طنز ٿيل هجي ۽ هن جي ڪهاڻين ۾ اهي گڻ ملن ٿا. عباس سارنگ پنهنجي ڪهاڻين ۾ سچ ئي اوتيو آهي. جنهن جي سچائي جو وڏو دليل اهو آهي ته ان جي ڪهاڻين جا ڊائيلاگ ڪڙا ۽ تلخ آهن. مان عباس جي لاءِ ايترو چوندس ته هن اسان جي معاشري جي لڪل حقيقتن کي پنهنجي ڪهاڻين ۾ ننگو ڪري اهو محسوس ڪرائڻ چاهيو آهي ته اسان ڪيترائي سچ ڍڪي ڪري لاشعور جي اونداهي ۾ اڇلائي ڇڏيا آهن.

سنڌي ادبي سنگت جيڪب آباد، نوجوان ڪهاڻيڪار عباس سارنگ جو پيو ڪهاڻي ڪتاب ”مقدس متي“ ڇپرائي ڪيس مڃتا ڏني آهي ۽ سنگت جيڪب آباد انهي ڏڳ تي هلي رهي آهي، جيڪو هن جي وڏڙن ورتو. سنگت جيڪب آباد هميشه پبليڪيشن کي خاص اهميت ڏيندي رهي آهي. ان جو ثبوت عباس سارنگ جو هي ڪهاڻي ڪتاب آهي. اميد جنهن سچائي ۽ نفاست سان عباس سارنگ محنت ڪئي آهي اها مڃتا ضرور ماڻيندي.

**عمران جمالي**

0313-3444877

دل سان:

# ”حساس طبيعت جو نفيس ماڻھو“

مَن کي موھيندڙ منھنجو ڀاءُ عباس سارنگ مُحبت جو پيڪر، شفقت جو دَرياءُ، بھترين خوبين جو مالڪ، حساس طبيعت رکندڙ نفيس ماڻھو، سيني کان الڳ سوچيندڙ سينيءَ جو پلو چاھيندڙ گھر ۾ امڙ ۽ بابا سان گڏ ڀيڻن ۽ ڀائرن سان گھڻو پيار ڪندڙ ۽ سندن ھر ننڍي توڙي وڏي خواھش جو ڏاڍو خيال ۽ احترام ڪندو آھي.

ڀين جي زندگيءَ ۾ رنگ ڀريندڙ ڀاءُ عباس سارنگ پنھنجي زندگيءَ مان بيحد مايوس، زماني جو ڏڪايل ھو. پر ا ج الله سائين ان جي زندگيءَ کي رنگين ڪري ڇڏيو آھي، سندس زندگيءَ ۾ ھڪ اھڙو ھمسفر آيو آھي جنھن سندس زندگي جي ڏکن تي مرھم رکي، زندگيءَ کي جيئڻ جو حوصلو ڏنو آھي.

ڀاءُ عباس سارنگ ڪھاڻيون لکڻ سان گڏ اداڪار ﻪ رھيو آھي. ھمرچو آرٽس پروڊڪشن جي اسٽيج تان اداڪاري ڪندو رھيو آھي. سندس لکيل ڊراما ۽ خاڪا اسٽيج ﻪ ڪيا ويا آھن. مون کي ياد آھي جڏھن سندن ڪو ڊرامو وغيره ٿيڻ وارو ھوندو ھو ﻪ ڏينھن رات ريھرسل ڪندا ھئا ۽ ان ڊرامي جا سيٽ ﻪ پاڻ ٺاھيندا ھئا. جنون جي حد تائين اداڪاريءَ جي فن سان سلھاڙيل رھيو ۽ وري

تصويرون ٺاھيندو ھو ﻪ پوءِ بس ڪمري ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏيندو ھو ڪائڻ، پيئڻ ئي وسري ويندو ھئس سندس ھڪ پيرو تصويرن جي نمائش ﻪ ٿي آھي.

موڊ جي حساب سان ڪڏھن صفا ڪاوڙيل ﻪ ڪڏھن وري ايترو ﻪ مزاحيہ ۽ ڪِلمڪ جو ڪِلائي ڪلائي ڪيرو ڪري وجھندڙ ۽ ماٺ رھندو ﻪ لڳندو وري ڪڏھن ﻪ نہ ڪلندو.....

منھنجي بس اھا ئي دعا آھي ﻪ ڀاءُ عباس سارنگ کي الله سائين ھر موڙ تي ڪاميابي نصيب ڪري ان کي وڏيڪ بلندين تي پھچائي. مان خوشنصيب آھيان ﻪ قدرت مون کي عباس سارنگ جھڙو ڀاءُ ڏنو آھي.

ھي ان جي ڪھاڻين جو ٻيو ڪتاب آھي پھريون ڪتاب ”پکي اُڏاڻا پيار جا“ گھڻي ڪاميابي ماڻي چڪو آھي ۽ ھي ڪھاڻي ڪتاب ”مقدس متي“ ﻪ پڙھندڙن کي گھڻو پسند ايندو. ڀاءُ عباس سارنگ پنھنجي ڪھاڻين لکڻ ۾ ڏاڍو حساس آھي جيڪو ھن محسوس ڪيو آھي اُھو ھن ڪھاڻين ۾ ڏيئي ڇڏيو آھي.

**سحر سومرو**

جيڪب آباد.

مَنَ جي ڊيسڪ تان:

## مان جو تنھنجي دور جو آئينو آھيان........

ھي منھنجو ٻيو ڪھاڻي ڪتاب آھي. پھريون ڪھاڻي ڪتاب ”پڪي اڏاڻا پيار جا“ سال 2005ع ۾ سنگت جيڪب آباد ڇپرائي پڌرو ڪيو ھو. منھنجي پھرين ڪھاڻي ڪتاب اچڻ کان پوءِ مون ڪڏھن بہ اھو ڪونہ سوچيو ھو تہ منھنجو ٻيون ڪھاڻي ڪتاب بہ ايندو، پر پھرين ڪھاڻي ڪتاب جي اچڻ کان وٺي ھن ٻيئن ڪھاڻي ڪتاب جي اچڻ تائين سست رفتاري سان سھي پر لکندو ضرور رھيو آھيان.

منھنجي ڪھاڻي جا ڪردار حقيقي ۽ معاشري ۾ موجود آھن. جيڪي اٿندي ويھندي مان ۽ توھان بہ ڏسي سگھون ٿا. فرق رڳو ايترو ئي آھي جو منھنجي ڪھاڻيڪار جي اک ائين تہ Focus ڪري ٿي جو اھي منھنجي ذھن جي Screen تان ٿيندا ڪوري ڪاغذ تي ھوبھو پنھنجي ڪردار پٽاندر حرڪت ڪرڻ لڳن ٿا. منھنجي ڪوشش رھي آھي تہ منھنجو پڙھندڙ منھنجي ڪھاڻين مان بيزار نہ ٿئي، پر ٿورن منٽن ۾ ڪھاڻي کي پڙھي پورو ڪري تہ ڪڏھن ڪڏھن تہ ڪڏھن گرم شوڪارو پري ۽ سوچڻ تي مجبور ٿئي تہ، ھي اسان جي سماج ۾ ڪھڙا ڪردار ڪيئن ڪيئن گذاري رھيا آھن. منھنجي ڪھاڻي لکڻ جو مقصد سماج ۾ موجود ڪردارن جي ڳڻ ۽ اوڳڻ کي توھان اڳيان پيش ڪيان ۽ اتفاق سان اھو ڪردار توھان جو بہ ٿي سگھي ٿو. منھنجي لکڻ جو پنھنجو انداز/ اسلوب/ Diction آھي. مون ان کي ڪھاڻي جو نانءُ ڏنو آھي، ڪوئي ان کي ڪھاڻي نہ ٿو مڃي تہ اھو ان جو مسئلو آھي. ڪھاڻي کي ڪنھن بہ ھڪ Form ۾ قيد نہ ٿو ڪري سگھجي، جيئن دنيا ۾

Theories تبديل ٿي رھيون آھن، تيئن ڪھاڻي جي Form ۽ Technic ۾ تبديلي اچڻ ڪا خراب ڳالھ نہ آھي. توھان ڪھاڻي کي ھڪئي Technic ۾ قيد ڪري صرف ختم ئي ڪري سگھو ٿا، پر ڪيس ترقي ۽ واڌ ويجھ نہ ٿا ڏئي سگھو. ڪھاڻي کي آزاد فضا ۾ ڇڏي ڏيو، جيئن ھو فطري انداز ۾ لکي وڃي ۽ واڌ ويجھ ڪري سگھي.

سنڌي ادبي سنگت شاخ جيڪب آباد جو دل سان ٿورائتو آھيان، جنھن منھنجو ٻيو ڪھاڻي ڪتاب ”مقدس مٽي“ پڌرو ڪيو آھي. ان سان گڏ سائين اخلاق انصاري جوبہ ٿورائتو آھيان جنھن منھنجي ڪھاڻي ڪتاب جو مُھاڳ لکيو. ان سان گڏوگڏ ڪامريڊ حاڪم مگريو، سومرو شبير احمد، عاجز شھزاد، عمران جمالي، ھاشم ساغر، انتظار چلگري، سردار خان لاشاري وڪيل، مشتاق ڪلوڙ سچڻ سائين، سيد ذوالفقار علي شاھ، خان محمد ڪيھر س ب ڪوسو، عبدالحق آزاد، استاد بابو عبدالستار سومرو، انور علي سومرو ناظم، شفيع محمد ”مصري“ سومرو، ماما غلام نبي سومرو ۽ بابا رسول بخش سومرو جن جو ساٿ مون کي ٿاھڻ ۽ سڌارڻ ۾ مدد ڪندو رھيو آھي. انھن ھر موڙ تي مونکي پنھنجو ڪيو آھي.

ھتي آئون انھن سڀن ھٿن جوبہ دل سان ٿورائتو آھيان، جن ڪنھن نہ ڪنھن طرح سان ھن ڪتاب لاءِ پورھيو ڪيو آھي. آخر ۾ ھي تہ ”ھي اڇوڪو سچ جيئن ئي لھي ويندو تہ سياڻي ان اميد تي وري ضرور ايرندو تہ ھن کي نئين ولولي ۽ سچائي سان پنھنجي روشني پکيڙڻي آھي ۽ وري نئين صبح ۾ پاڻ گڏ ھونداسين.“

عباس سارنگ
جيڪب آباد
0334-2673303

# هڪ نظر: ”ڪاريگر ڪھاڻيڪار“

سنڌي ادبي سنگت جيڪب آباد جي ڪارڪردگي رپورٽ (چيپيل ڪتابچو) مليو تہ مون ان کي پڙهيو تہ مون کي شيخ اياز جي سرجيل هڪ سٽ ذهن تي تري آئي تہ اجا رچ مان رڙ اچي ٿي رڙ اچي ٿي..........

سيني دوستن کي جس هجي جيڪي پنهنجي مصروفيتن جي باوجود ادبي سنگت جي پليٽ فارم تان سنڌي ادب جي خدمت کي بہ پنهنجو فرض سمجهي نڀائي رهيا آهن، ڪارڪردگي رپورٽ ۾ ساٿي عباس سارنگ جي ڪهاڻي ”فرشتو“ هڪ مڪمل ڪهاڻي آهي، جيڪا هڪ ڪهاڻي جي سيني گهرجن کي پورو ڪري ٿي. ليکڪ پاڻ کي هڪ انسان سمجهي ٿو جيڪو فطري طور تي لالچي بہ آهي. لفظ انسان کي جيڪڏهن اسان لغت ۾ ڏسنداسي تہ ان جي معنيٰ آهي خطادار ۽ خطادار لالچ ۾ اچي غلطيون ڪري ٿو. اهڙي لالچ جيڪا سڪون کي تباهہ ڪري ٿي. ليکڪ جون چيپيل ڪهاڻيون هڪ ڪتابي صورت ۾ پڙهڻ جو پڻ موقعو مليو. جيڪي سڀ ڪهاڻيون مڪمل هيون ۽ اهي سڀ مون هڪ ساهي ۾ پڙهيون هيون ۽ ڪجهہ وقت ڪان پوءِ انهن کي ٻيهر پڙهيو.

اهڙيون ڪهاڻيون دل ۾ درد رکندڙ ئي سرجي سگهي ٿو. هڪ اهڙو درد جيڪو جيئڻ لاءِ اتساهي ٿو. جيڪو درد زندگي ۾ هڪ نئون جذبو ۽ نئون موڙ بخشي ٿو. ليکڪ جون ڪهاڻيون مختصر پر جامع آهن. اها سنڌس ئي ڪاريگيري آهي تہ اهڙا موضوع جن تي ناول لکجي سگهجن، انهن کي جامع انداز ۾ مختصر ڪري لکجي. موضوع عام رواجي ۽ اهڙا جيڪي اسان جي ماحول جي عڪاسي ڪندڙ هجن، اهو سنڌس جو ڪمال آهي.

مشتاق ڪلوڙ

لاڙڪاڻو

# ڪھاڻيون

# ”ويلنٽائن ڊي“

پنهنجي گهر جي ڪاريڊور تائين پهتس ته فون جي گهنٽي وڳي، فون ڏانهن وڌي رسيور کنيم ته ٻئي پاسي کان ڪنهن عورت جو آواز آيو، چيائين ”منظور ويٺو آهي؟“

هيو ته رانگ نمبر ۽ الائي ڪير منظور، پر مان به موڊ ۾ هيس الائي ڇو چئي ويس ته ”منظور ته نڪري ويو آهي.“

”ڪيڏانهن نڪري ويو آهي؟“ هن وڌيڪ منظور لاءِ پڇيو مون چيو ”اڄ نمائش گرائونڊ جو آخري ليڊيز شو آهي، اتي ڪا سٺي مائي ڦاسائڻ لاءِ ويو آهي.“

”ڀلا منظور موٽندو ڪڏهن؟“

”اڄ رات ٻارهين وڳي تائين موٽي ايندو.“ ۽ پوءِ لائين ڪٽجي وئي. رسيور رکڻ کان پوءِ مون کي احساس ٿيو ته منهنجي بيگم منهنجي پٺيان ڪمري ۾ بيٺي آهي ۽ اهو سڀ ٻڌي رهي هئي. چيلهه تي رکي ٿورڙو ڪاوڙ ۾ ايندي چيائين

”ڪنهن سان پيو ڳالهائين؟“

”الائي ڪير هئي، پر ڪنهن منظور لاءِ پڇي رهي هئي.“

”اهو منظور ڪير آهي؟“

”اها ته انهيءَ مائي کي ئي خبر!“

”پر توکان ڇو پڇي رهي هئي؟“

”ڇا پڇي رهي هئي؟“

”اهو ته، منظور اهو ڪير آهي؟“

”اها ڪونه پڇي رهي هئي ته منظور ڪير آهي، اصل ۾ اها پڇي رهي هئي ته منظور ڪٿي آهي؟“

”ڇو، تنهنجو ڪهڙو ڪم ان منظور ۾؟“ گهٽي ڪاوڙ ۾ ايندي چيائين. ”منهنجو مطلب آهي ته اهو سڀ ڪجهه اها ئي مائي تو کان ڇو منظور لاءِ پڇي رهي هئي؟“

”ڳالهه ٻڌ، اهو ته وڌيڪ بهتر اها ئي ٻڌائي سگهي ٿي!“

”ڏس جاويد! تون ڳالهيون ڏاڍيون گول ڪندو آهين ائين نه ڪر......!“

”نائلا ڊيئر! ڳالهيون گول مان ڪٿي ڪندو آهيان ۽ گذريل سورنهن سالن ۾ تمام گهٽي گول ته تون ٿي وئين آهين.“

جاويد! خدا جو واسطو اٿئي، مون کي معاف ڪر ۽ هل هلي ماني کاءُ.“

مان ڪمري ۾ داخل ٿيس پر ڪمري جي دروازي تان پوئتي ڏٺم ته هوءَ فون ڏانهن ڪاوڙ مان گهوري رهي هئي، جيئن پاڻ گول هئي تيئن نڪ جون ٻئي ناسون به ڪاوڙ مان وڌيڪ گول ٿينديون نظر آيون. مون چيو ”نائلا ڊيئر! هاڻي ماني کٽي اچ......“ ۽ مون ڏانهن ڏسندي بورچي خاني ڏانهن هلي وئي.

اڄ رات جو ٻارهين وڳي دبئي ۾ سيٽل منهنجي ڀاءُ جو فون اچڻو هو آئون ڪاريڊور مان فون کڻي اچي ڪمري ۾ رکي ڇڏيو. جيئن رات جا ٻارنهن وڳا ته مون هڪ گل ڪيڏي بيگم کي ننڊ مان اٿاري ڏنو ۽ پيار ڪندڙن جو ڏينهن ”ويلنٽائن ڊي“ وش ڪيم هن کي به سورنهن سال اڳ وارو پنهنجو جسم ياد اچي ويو ۽ خوش ٿيندي گل ورتائين ۽ اسان ٻئي ويلنٽائن ڊي کي ملهائڻ ۾ جنبي وياسين ته فون جي گهنٽي وڳي ته بيگم کي چيم ”نائلا! لڳي ٿو ته دبئي کان

ادا هوندو....“ رسيور کڻي هيلو ڪيم ته پرين پاسي کان انهيءَ ساڳي عورت چيو

”منظور اچي ويو؟“

مون بيگم کي ڏٺو ۽ منهنجي بيگم مون کي ڏسي رهي هئي ۽ مون ڳالهايو.

”ها منظور ته ڳالهايان پيو.“

”اڄ سچو ڏينهن ڪٿي هيئن؟“

”مان...... مان......“

”تون...... تون......“

”چڏ مون کي...... اهو ٻڌاءِ اڄ ويلنٽائن ڊي آهي تون نه پئي ملهائين ڇا؟“

هن کي شايد ويلنٽائن ڊي جي ڪا به خبر نه هئي ته چيائين

”اهو ڇا ٿيندو آهي؟“

”اهو پيار ڪرڻ وارن لاءِ هڪ خاص ڏينهن آهي. ان ڏينهن تي جيڪي پاڻ ۾ پيار ڪندا آهن، اهي هڪٻئي کي گل، ڪارڊ يا ٻيو ڪو تحفو ڏيندا آهن. جيئن هن وقت مان پنهنجي بيگم سان ملهائي رهيو آهيان.“

اڃا مون ايترو مس چيو ته منهنجي بيگم مون کان رسيور کسي ورتو ۽ پاڻ ڳالهائڻ لڳي.

”اهو منظور ڪير آهي؟ تون ڪير آهين؟ توکي شرم حيا ٿتو اچي جو پرائي مڙدن سان ڳالهائين ٿي؟ آخر اهو منظور آهي ڪير؟ هي منهنجو مڙس آهي تنهنجو منظور ناهي، آئينده هتي فون نه ڪندي ڪر. پنهنجو منظور ٻين جي گهرن ۾ نه ڳول. هي منهنجو منظور آهي. مون هن کي ٽي دفعا منظور ڪيو آهي ۽ هن مون کي ٽي دفعا منظور ڪيو آهي. اسان کي تنهنجي منظور جي ڪا به خبر نه آهي. سمجهئي......“

ايترو چئي وچڻ کان پوءِ منهنجي بيگم غور ڪيو ته ٻئي پاسي کان لائين تي ڪو به نه هو ته مون کيس مرڪي چيو.

”اصل ۾ اهو سڀ ڪجهه ڪرڻ لاءِ خادم پي سي او واري کي چيو هوم ته ٻن وقتن تي رڱو هڪ پيرو رنگ ڪجاڻ ۽ پوءِ باقي سمورو ڪم منهنجو هو.“

”جاويد! تو ائين چو ڪيو؟“

”رڱو تنهنجو پيار ڏسڻ لاءِ ۽ پوءِ ٻئي مرڪي هڪٻئي کي منظور ڪندي ويلنٽائن ڊي کي ملهائڻ ۾ لڳي وياسين.

⦿

# ”ھڪ منٽ جي خاموشي“

ادبي پروگرام پنھنجي پڇاڙيءَ تي ھو ۽ اسٽيج سيڪريٽري اعلان ڪيو تہ:

”تمام گھٽي ڏک سان ھي اعلان ڪجي ٿو تہ سنڌ جو سر موڙ شاعر سورھيہ سنڌي لاڏاڻو ڪري ويو آھي. سڄي سنڌ انھي سوڳ ۾ ورتل آھي. سائين سورھيہ سنڌي سڄي زندگي سنڌي شاعريءَ کي ارپي ڇڏي تہ سنڌ ماءُ جو قرض ادا ڪري ويو آھي. ھن جي اوچتي دکدائڪ موت تي اسان ”صرف“ ھڪ منٽ جي خاموشي ڪنداسي، جيئن ھن سنڌ ڌرتيءَ جي مھان ڪوي جو اسان بہ قرض لاھي ڇڏيون، تہ پوءِ اڄو تہ پيٽا طور ھڪ منٽ جي خاموشي ڪري ثابت ڪيون تہ اسان مرده پرست قوم نہ آھيون.“

اھو چئي اسٽيج سيڪريٽري پنھنجي جديد موبائل فون ڪڍي ھڪ منٽ ڳڻڻ شروع ڪيو. سموري پنڊال ۾ خاموشي پکڙجي ويئي اڃا اڌ منٽ بہ نہ گذريو ھو تہ ساڳئي اسٽيج سيڪريٽري جي موبائل فون جي رِنگ ٽون وڳي ۽ ساري پنڊال جي خاموشيءَ کي ٽوڙي ڇڏيو.

⦿

# ”مقدس متي“

آئون جيئن ڪمري ۾ گهڙيس مامو خدا بخش خط پڙهي رهيو هو. آئون سندن سامهون ئي رکيل ڪرسي تي ويهي رهيس. مامي خط مان نظر ڪڍي، مونديءَ کي اتي ئي جهلي نڪ تي رکيل نظر جي عينڪ مٿان ئي مون تي نظر گهمائي ۽ وري خط پڙهڻ لڳو. مان سندس منهن ۾ نهاريندو رهيس. سندس منهن تي وقت جون سموريون ريکائون موجود هيون. جيئن ته آئون ڪيس اڳ ئي نهاري رهيو هوس. چا تو ڏسان مامي جي اکين ۾ خط پڙهندي ڳوڙهن جا آگم اچي ويا هئا. اهو منهنجو پهريون اتفاق هو جو مامي جي اکين ۾ ڳوڙها ڏسي رهيو هوس. مامي عينڪ لاهي پنهنجا ڳوڙها اگهيا، وري ساڳيو خط پڙهڻ لڳو. جيئن ئي مامي خط پڙهي پورو ڪيو. آئون ته اڳ ئي ڪيس سواليا ۽ عجب مان نهاري رهيو هوس.

مامي خدا بخش پنهنجي زندگيءَ جي تجربي مطابق جلديءَ ۾ منهنجو چهرو پڙهي ورتو. مرڪندي چيائين ”چا تو ڏسين ابا؟“ _ ”ماما! ڪنهن جو خط آهي ۽ ان ڪان اڳ مون ڪڏهن به اوهان کي ائين...؟“ _ ”ها... تون صحيح پيو چوين پر ڪڏهن ڪڏهن ڦٽ اهڙا ته چڪي پوندا آهن جو عذاب جو احساس شدت سان ٿيندو آهي.“ منهنجون وايون بتال تي ويون. آئون سوچڻ لڳس هي مامو چا چئي رهيو آهي. جيڪو هميشه کلندو ۽ مسڪرائيندو رهندو هو. جنهن جا ٽهڪ زندگيءَ گهارڻ جو حوصلو ۽ احساس ڏيندا آهن، اهڙو ماڻهو ۽ اهڙيون ڳالهيون ڪري رهيو آهي! بيشڪ اهڙا ماڻهو واقعي اندران پورا هوندا آهن، اندر ئي اندر ۾ ڳرندا ۽ ٽڙپندا آهن. اڄ مون کي مامي تي گهڻو ئي پيار اچي رهيو هو.

”چا تو سوچين؟“ _ ”ڪجهه به نه... ها ماما اوهان خط بابت ٻڌائي رهيا هئا.“ _ ”ها هي خط آڪاش جو آهي، جنهن کي هتان ويندي اڌ عمر گذري ويئي آهي. جيڪو منهنجو پڳ مٽ يار هو، بس هن کي وڇڙو هو ۽ هو هليو ويو، پلا وڃڻ واري کي ڪير روڪي سگهيو آهي. بس هو ته هليو ويندو آهي.“ مامي جو آواز ڳورو ٿي ويو ۽ اکيون آليون ٿيڻ لڳس. وري مامو خدا بخش ڳالهائڻ لڳو ” آڪاش لکيو آهي، اسين پنهنجي ماتر يوميءَ کان جدا ٿي هر روز جيئون ٿا ۽ هر روز مرون ٿا.“

مامو خدا بخش وڏيڪ ڪجهه چئي نه سگهيو ۽ خط کي چميون ڏيڻ لڳو. مامو اڪثر مون کي پنهنجي يار آڪاش ۽ پنهنجي ننڍپڻ ۽ جوانيءَ جون ڳالهيون ٻڌائيندو رهندو آهي. مامي جي ڳالهين مان آڪاش لاءِ بيحد محبت هجڻ جي پنل خوشبوءِ ايندي آهي. هنن پنهي جيون جا پهريان سندر ۽ خوبصورت ڏينهن گڏ گذاريا هئا. پر پوءِ ورهاڱي جي صورت ۾ هنن يعني روح کي جسم کان ڌار ٿيڻو پيو هو. آڪاش هندوستان هليو ويو ۽ مامو هن اسلامي ملڪ ۾...

”چانهه پيئدين؟“ موٽ ۾ آئون مامي جي منهن ۾ نهاريندو رهيس. ”چا تو ڏسين؟“ _ ”دوستي جي رشتي تي سوچي رهيو آهيان.“ _ ”پل تون سوچ آئون جيستائين چانهه تو ناهي وٺان ۽ پل تون هي آڪاش جو خط به پڙهي سگهين ٿو، چو ته تون به منهنجو دوست آهين.“ مامو بورچي خاني ڏانهن هليو ويو. ماما هميشه پنهنجو ڪم پاڻ ڪندو آهي. مون ڪيس ڪيترائي ڀيرا چيو آهي ”ماما! ڪانوڪرياٽي چو نه ٿا رکو؟“ پر هميشه اهو چئي ٽائي ويندو آهي ته ” نه بابا نه... مان ٻئي جو محتاج نه ٿيندس.“

مامي جو آئون ڀاڻيجو دوست آهيان. منهنجي ننڍپڻ کان ئي مون تي پنهنجو ساهه ڇڏيندو آيو آهي. پنهنجي هر ڳالهه مون سان ڪري ڇڏي. هر قسم جي صلاح مون سان ڪري. ايتري تائين جو ڏک سک به مون سان ونڊيندو آهي، پر منهنجي اڃا تائين هڪ آس آهي اها هي ته آئون مامي جي ذاتي ڊائري پڙهڻ چاهيان ٿو، پر ماما نه ڪڏهن ان پنهنجي ڊائري متعلق ٻڌايو آهي، نه وري پڙهڻ جي ئي آڇ ڪئي آهي.

ماما شادي ڪئي، پر مالڪ شريڪ حيات ڪسي ورتي شايد ان ڪري جو ڪيس پنهنجي شريڪ حيات سان بي پناهه محبت هئي. مامو پڌائيندو آهي، ”تنهنجي مامي تمام سٺي ۽ پيار ونڊيندڙ عورت هئي. هن جو منهنجي زندگيءَ ۾ اچڻ انقلاب مثل هو، پر پوءِ سڀ ڪجهه پسم ٿي ويو.“

”اڄ تون ڪهڙي دنيا ۾ گم آهين پاڻيجا؟“ مامي چانهه اڳتي وڌائيندي چيو. ”بس ماما اوهان جي باري ۾ سوچي رهيو هوس.“

”اڇا ته وڏا! ڇا سوچي رهيو هيئن؟“ مرڪندي وري چوڻ لڳو ”هن عمر ۾ منهنجي شادي لاءِ نه سوچجانءِ.“ ان ڳالهه تي منهنجي چهري تي مرڪ اچي وئي. ”وڌيڪ خبر چار ڏي، نوڪريءَ جو ڇا ٿيو؟“ جواب ۾ آئون ماٺ رهيس.

منهنجو چهرو پڙهندي چيائين ”يارا اچي دل لاٿي اٿي ان ۾ به رازق جو راز هوندو، دلجاءِ ڪر.“

چانهه پي پاڻ بئي گهمڻ لاءِ ٻاهر نڪتاسين. چيائين ”ابا! ڪيڏانهن هلون؟“ ماما سمنڊ تي هلڻو آهي. رات چنڊ جي چوڏهين آهي. ماما ۽ آئون هر چوڏهين جي رات سمنڊ تي ويندا آهيون ۽ ان رات اسين دير تائين سمنڊ تي گهمندا رهاسين. اڄ اسين ماٺ هئاسين. بس مست هو ته سمنڊ... اوچتو مامي منهنجي ڪلهي تي هٿ رکندي چيو ”ابا! جيڪب آباد هلون؟“ ماما جي واتان اهو سوال پڌي حيران ٿي ويس. ”ها ابا هاڻي آئون پنهنجي انهيءَ شهر ويندس جيڪو منهنجي جنم ڀومي آهي. جتي منهنجي ننڍپڻ ۽ جواني گذري، هاڻي آئون اتي وڃڻ گهران ٿو. هي ڪراچي شهر منهنجي ونيءَ جو قاتل آهي، بس هاڻي منهنجي رٽائر ٿيڻ جو وقت به اچي ويو آهي. آئون جيڪب آباد وڃڻ گهران ٿو.“ _ ”رٽائر...! مون ڪان رڙ نڪري ويئي. ”ها ابا...“ _ ”پوءِ مون کي اوهان انهيءَ متعلق اڳ ڇو ڪو نه ٻڌايو؟“ _ ”ابا! هاڻي ته خبر پئجي ويئي نه.“ _ ”پر ماما، جيڪب آباد ڪان ته اوهان پاڻ ئي باغي ٿيا هئا، ڇو ته هن اوهان ڪان اوهان جو يار آڪاش کسيو هو. هي اهو بدنصيب شهر آهي، جتي روح ڪان جسم ڌار ٿيو هو.“ _ ”بهرحال ڪجهه به آهي، هاڻي جيڪب آباد هلڻو آهي، تون تيار رهجانءِ.“

موٽ ۾ مان خاموش رهيو هوس. سمنڊ تان موٽندي ماما چيو ”ابا! تو هڪ ڳالهه ضرور محسوس ڪئي هوندي، اها هي ته آئون تو کي پنهنجي هر شيءِ ۾ شامل ڪندو آيو آهيان، پر اڄ ڏينهن تائين آئون تو کي پنهنجي ذاتي لکيل ڊائري نه ڏيکاري سگهيو آهيان سو اهو وقت اچڻ وارو آهي. آئون تو کي ذاتي جيون جي ڊائري پڙهڻ لاءِ ڏيندس، پر هتي نه جيڪب آباد پهچڻ مهل.“

صبح ماما مون کي ننڊ مان اٿاريو پاڻ پنهي گڏجي ناشتو ڪيوسين مامو آفيس هليو ويو ۽ آئون فليٽ تي ئي رهيس. ڪيڏانهن به وڃڻ لاءِ دل نه ٿي چاهيو، پر وڃڻ تي مامي جي جيڪب آباد وڃڻ جي ڳالهه ياد آئي ۽ جيڪب آباد جو سمورو منظر اڳيان ڇتجي ويو، ٽاور روڊ تي ڳاٽ اوچو ڪيون بيٺل وڪٽوريا ٽاور، جيڪب صاحب ۽ عوامي انقلابي شاعر عبدالڪريم گدائيءَ جون قبرون، پڳل ٽٽل روڊ، واٽين جون پراڻيون حويليون، هر سال ٿيندڙ هارس اينڊ ڪيٽل شو ۽ مامي جو پراڻي نموني جو گهر، امان ته ماما خدا بخش کي هميشه پنهنجي بدلي جيڪب آباد ڪرائي اچڻ لاءِ زور پريندي هئي پر هوڏانهن ماما جو هٺ هو، پر مامو هاڻي ائين ڪيئن جيڪب آباد هلڻ لاءِ تيار ٿي ويو آهي؟

مامي خدا بخش جي به عجيب زندگي گذري آهي. هي پنهنجي ساري خاندان ڪان ڪٽجي رهيو آهي. هن جي سوچن ۽ سندس خاندان جي سوچن ۾ ڏينهن رات جو فرق رهيو آهي. مامي سڀ ڪان پهرين جيڪا خانداني رسم ٽوڙي سا ٻاهران شادي نه ڪرڻ جي ۽ ماما ٻاهران شادي ڪري ڏيکاري. ماما جي اڳيان گهڻيون ئي رڪاوٽون آيون پر ماما هميشه بردبار رهيو.

هي پنهنجي خاندان ڪان ڪٽجڻ لاءِ به تيار هو. بس انهن مخالفتن جي ڪري ڪراچي هليو آيو ۽ جيڪب آباد صرف سال ۾ هڪ ڀيرو ايندو هو نه ته خير. هتي ڪراچيءَ ۾ جيستائين مامي جيئري هئي مامو سرهو رهندو هو پر پوءِ بس جيون گهاري رهيو آهي. ڪڏهن ڪڏهن مون کي چوندو آهي ”ابا حقيقت اها آهي جو زندگيءَ مان چس ئي

نڪري ويو آهي، بس جيئان تو ڌرتيءَ جي عشق ۾ جوڳي ٿي، آڪاش ۽ پنهنجي وڻيءَ کي ياد ڪندي يا تو کي ڏسندي.“

ماما کي پنهنجي اولاد نہ ٿي هئي. آئون اڃا ننڍو هوس هڪ پيري مامو ڪراچيءَ کان جيڪب آباد آيو هو، ان ڏينهن آئون اسڪول کان جيئن ئي موٽي آيو هيس تہ ماما خدا بخش کي ڏسي خوش ٿيو هوس. موٽ ۾ ماما مون کي ايتري تہ محبت ڏني جو ان ڏينهن کان پوءِ ماما جڏهن بہ ڪراچيءَ کان ايندو هو. بس پوءِ آئون هڪ پل بہ وٿائنس پري ڪو نہ ٿيندو هوس. پوءِ ائين ئي هڪ ڏينهن ماما مون کي ڪراچي گهمائڻ لاءِ وٺي ويو. بس پوءِ منهنجو رستو کليو هر مهيني تڪ ماما وٽ، بابا امان کي چوندو هو، ”خدا بخش اسان جي ٻار تي الائي ڪهڙو جادو ڪيو آهي جو سندس کان سواءِ رهي ئي نٿو سگهي.“

ماما سنڌ ڌرتيءَ جي هر فرد سان محبت ڪندڙ آهي، سواءِ انهن جي جن هن ڌرتيءَ کي مهمان نوازيءَ جي صلي ۾ اڌ ڪرڻ تي گهريو. جڏهن بہ ماما انهن تي ڳالهايو دل کولي انهن تي تنقيد ڪئي، چو تہ انهن جو هتي اچڻ ماما جي زندگيءَ جو پيانڪ واقعو هو.

هڪ پيري ماما جي آفيس ۾ ويس. چا تو ڏسان ماما هڪ ينگيءَ سان گڏ چانهہ پي رهيو آهي. فليٽ تي اچي مون کيس چيو ”ماما گهٽ ۾ گهٽ ينگيءَ کي تہ پاڻ سان گڏ نہ ويهاريو.“ _ ”نہ ابا نہ... اها تنهنجي ڀُل آهي. اصل ۾ هو بہ هڪ انسان آهي، جيترو انسان جو حق آهي ان کي اوترو مان ڏجي.“ ماما جي سوچ جي گهرائي ڏسي مجبورن مون کي هٿيار ڦٽا ڪرڻا پيا هئا.

اهو ڏينهن بہ آيو ماما رٽائر ٿي ويو ۽ اسين گڏجي جيڪب آباد هليا آياسين. امان تہ ماما کي ڏسي خوشي مان جهومڻ لڳي. هتي اچڻ سان ئي مامي پنهنجي پراڻن ساٿين سان ملڻ جلڻ شروع ڪيو. هر روز ماما جي گهر تي ڪچهريون متيون پيون هونديون هيون.

هتي جيڪب آباد ۾ ماما ڏٺو تہ نوجوانن ۾ تعليم جي واڌاري ڪري سٺو شعور آيو آهي پر جنهن ڳالهہ ماما کي ڏکايو سو هتي صدين کان جيون گهاريندڙ واڻين جي هندوستان لڏ پلاڻ جي ڳالهہ هئي. ان جو اصل سبب هتي ڪيترين ئي صدين کان آباد واڻين کي تنگ ڪري لڏ پلاڻ ڪرڻ تي مجبور ڪيو ٿي ويو. تنگ ڪرڻ ۾ انهن ماڻهن جو هٿ هو جيڪي اسلام جا ٺيڪيدار سڏائيندڙ آهن. چا اسان کي اسلام اهو تو سيکاري تہ اسان انهن جي تذليل ڪريون. چا اهي انسان نہ آهن؟ چا هنن جو هن ڌرتيءَ سان ڪو ناتو ناهي؟ جيڪي صدين کان هن ڌرتيءَ تي ساڳئي ٻولي ۽ ثقافت رکندڙ آهن. ها هنن کي هاٽي انهن جي بہ خبر پئجي وئي آهي. جيڪي اسلام جي نالي تي هتي آيا هئا. انهن جا اڄڪلهہ ڪهڙا پرڪار آهن. انهن موٽ ۾ اسان کي رت سان رڱيل لاش ڏنا آهن. اهي لاش جن مان ڪو وڻيءَ جو ور هوندو. ڪو ڪنهن ماءُ جو دادلو ٻار هوندو. تہ ڪو پيءُ هوندو. پر اڄ تائين ڪنهن انهن داداگيرن جي ڳيچي کان جهلي پڇيو تہ هي توهان ڪهڙي نالي ۾ اچي ڪوس ڪري رهيا آهيو.

هڪ ڏينهن ماما اڪيلو پنهنجي ڪمري ۾ ويٺو هو. آئون بہ ڪمري ۾ گهڙي آيس. مامو آڪاش جا موڪليل خط پڙهي رهيو هو. ”ماما! معاف ڪجو، آئون غلط وقت تي تہ نہ اچي ويو آهيان.“ _ ”نہ ابا نہ... تون اچ ويهہ... مون تو کي ڪراچيءَ ۾ چيو هو نہ تہ آئون توکي جيڪب آباد ۾ لکيل ڊائري پڙهڻ لاءِ ڏيندس. سو اڄ آئون تو کي ڊائري ڏيئي رهيو آهيان.“ ماما اٿيو ۽ ڊائري ڪڍي مون کي ڏنائين. ان سان گڏ اهو چيائين ”ڊائري اڪيلائي ۾ پڙهجانءِ.“ آئون تجسس مان ڊائري مٿان هٿ ڦيرائڻ لڳس. ماما وري چيو ”ابا آڪاش مون کي ڪيترا پيرا لکيو آهي تہ آئون کيس پنهنجي جيجل ماءُ ڌرتيءَ جي ”مقدس متي“ مجان، سو اهو ڪم آئون ڪو نہ ڪري سگهيو آهيان. تون ٻڌاءِ مان چا ڪريان؟“ _ ”پوءِ اوهان موڪلي ڏيو.“ مون چيو، موٽ ۾ مامي چيو ”ڪيئن موڪلي ڏيان، ان ڌرتيءَ جي متي موڪلي ڏيان جيڪا غلامي جا ڏينهن ڏسي رهي آهي، جيڪا ظلم جي صدمي ۾ ساوڪ مان بنجر ٿيندي پئي وڃي. جنهن تي صدين کان آباد فردن کي پنهنجي ماتر ڀوميءَ تي ايجنٽ ۽ غدارن جا لقب ڏيئي تنگ ڪيو پيو وڃي...“ مامو روئي پيو. مون کيس

اٿي پاڪر ۾ ڪيو ۽ مامو منهنجي پاڪر ۾ اهلجي پيو ۽ سڏڪا ڏيندو رهيو. ”ماما آئون مقدس متي موڪلڻ لاءِ تيار آهيان، پر مون کي اوهان جي مدد گهرجي اوهان منهنجي رهنمائي ڪريو ۽ طاقت جو مظاهرو آئون ڪندس. جڏهن اهي ٻئي قوتون ملي پونديون ته پوءِ اوهان جي يار آڪاش ڏانهن ”مقدس متي“ وڃي سگهندي.“

رات جو دير تائين ماما سان گڏ ويهي پنهنجي ڪمري تي آيس مون پڙهڻ لاءِ ڊائري کولي مون سڄي ڊائري ڏٺي، سڄي ڊائري ڪوري هئي سواءِ هڪ صفحي جي، جنهن تي لکيل هو.

”سوچيو هوم هن ڊائري ۾ پنهنجو گهٽو ڪجهه لکندس. خوشين ڪان وٺي لڙڪن تائين، پر پوءِ ڌرتيءَ جي غلامي ڪري احتجاجن هڪ هڪ ڪورو ڪاغذ اٿلائيندو ڇڏيندو رهيس... ايتري تائين جو سموري ڊائري ڪوري رهجي ويئي سواءِ هتي چند سٽن جي جيڪي آئون اڄ قلمبند ڪري رهيو آهيان مون ڪان پوءِ منهنجي هن ڊائريءَ جو وارث منهنجو ڀاٽيجو آهي. هو چاهي ته هن ڊائري تي نئين سري سان آزاديءَ جا خوبصورت پل قلمبند ڪري سگهي ٿو.“

ماما خدا بخش جي ايتري گهري سوچ ڏسي منهنجي اکين ۾ ڪوسا لڙڪ اچي ويا ۽ مون من ئي من ۾ پختو عزم ڪيو ته آئون پنهنجي ملڪيت ڊائري، نئين سري سان لکندس ۽ ”مقدس متي“ ماما جي پڳ مٽ يار آڪاش ڏانهن به اماڻيندس.

⦿

# ”فارملٽي“

ٽرن... ٽرن... ٽرن... ٽرن...

”جي سائين...!“

”باقي ڪير آهي؟“

”باقي سائين هڪ ڇوڪرو ويٺو آهي.“

”ٺيڪ آ..... اندر موڪليس....“

”بهتر سائين....“

”پر ترس....“

”جي سائين...!“

”آئون گهر فون تي ڳالهايان تو.... سو اڌ ڪلاڪ ڪانپوءِ اندر موڪليس....“

”بهتر سائين!“

”صاحب مصروف آهي ٿورو انتظار ڪر...!“

”پر پهريان ته صاحب سيني ڪان انٽرويو وٺي چڪو آهي ۽ اهي وڃي به چڪا آهن.“

”پوءِ مان ڇا ڪيان...!“

ٽرن ٽرن.... ٽرن.... ٽرن

”جي سائين!“

”موڪليس....“

“MAY I COME IN SIR”

“YES، ويهو......”

“THANK YOU SIR!”

”سر! هي منهنجا DOCUMENTS آهن!“

“OK.”

”ڇا پاس آهين؟“

”سائين ايم اي سنڌي فرسٽ ڪلاس...!“

”پر بابا اسان ته اشتهار انٽر پاس وارن لاءِ ڏنو هو!“

”توهان بلڪل صحيح پيا چئو سر!“

”پوءِ....!“

”سر! آئون انٽر به پاس آهيان.“

”ڏاڍو سياڻو پيو لڳين.....!“

”پر سر! ان ۾ سياڻي هجڻ جي ڪهڙي ڳالهه آهي؟“

”چڱو.... چڱو.... اهو ٻڌاءِ ته.....“

”جي سر!...

”سوال ته سوچڻ ڏي.... ها ياد آيو.... تون اهو ٻڌاءِ ته مور پکي انڊا ڏيندو آهي يا ٻچا؟“

”سر! مور...!“

”ها بابا! مور...!“

”سر! مور پکي آهي نر! يعني مڙد سو انڊا يا ٻچا ڪٿان ڏيندو؟“

”تون الٽو منهنجو سوال منهنجي مٿان ٿاڦڻ چاهين ٿو، مان چٽ آهيان، مون کي خبر نه آهي!“

”پر سر! مون ائين ڪٿي چيو ته اوهان ٽنا ڇاٽو؟ پر مون ته وضاحت ڪرڻ تي گهري...“

”نالو ڇا اٿئي....؟“

”سر! DOCUMENTS تي لکيل آهي، جيڪي اوهان جي سامهون پيل آهن.“

”TYPING ايندي اٿئي؟“

”پر سر!“

”ڪڏهن به ضرورت پيش اچي سگهي ٿي.“

”پر سر! اوهان اشتهار ۾ TYPING لاءِ نه ڇاڻايو هو.“

”بهرحال هاڻي ته تو کي خبر پئجي ويئي نه.....!“

”جي سر!“

”هاڻي وڃين سگهين ٿو“

“SIR RESULT”

”بابا RESULT پڇي ڇا ڪندي وڃي گهر ۾ ويهي رهه.... هي رڳو ”فارملٽي“ آهي.“

⦿

# "خبر"

اخبار جي آفيس ۾ فيڪس تي مختلف خبرن جي اچڻ جي ڌم متي پئي آهي. جميل روز جيان فيڪس تي آيل خبرن کي گڏ ڪري نيوز سيڪشن ۾ ڪٽي اچي، انهن جي اهميت کي سمجهندي چونڊ ڪرڻ ۾ جنبي ويو تو. هڪ خبر چڻ ته هن کي جنجهوڙي وڌو ته "جيڪب آباد شهر جي شهيد الله بخش سومرو پارڪ ۾ ٻارن لاءِ لڳل لوهي گسڪٽي ۾ هڪ معصوم نياڻي اقرا گل جون ٽي آڱريون ترڪڻ ڪري ڪٽجي ڌار ٿي ويون."

جميل هن خبر جي گهرائي ۾ گم ٿي ويو تو. هن کي سمجهه ۾ تٿو اچي ته هي خبر ڪيتري اهميت رکي ٿي هونءَ ته مرچ مصالحن واريون ٻيون خبرون پيون هلن پر هي خبر هلائڻ چڻ ته هن پنهنجو حقيقي فرض ٿي چاتو، چو ته ڪيئن نه هي معصوم اقرا گل سڄي زندگيءَ لاءِ معذور بڻجي وئي هئي. هونءَ به اسان جو معاشرو ٻٽي معيار وار معاشرو آهي. مرد لاءِ جدا سوچ ۽ معيار آهن ته عورت لاءِ جدا سوچ، معيار ۽ ويچار. اڄ ننڍڙي اقرا گل سياڻي ضرور وڏي ٿيندي. هن جي معذوري هن لاءِ چڻ ته سڄي زندگيءَ جو عذاب بڻجي ويندي.

جميل پنهنجي نظر جي چشمي کي لاهي سوچڻ لڳو ۽ پوءِ سڌو ايڊيٽر جي آفيس ۾ پهچي هن خبر جي ڇاپڻ متعلق ساٿس ڳالهايو. ايڊيٽر سموري ڳالهه ٻڌڻ کانپوءِ چيو:

"مزدور جي ڌيءُ هجڻ ڪري خبر اهم نه آهي. تنهن ڪري هي خبر اخبار ۾ هلائڻ جهڙي نه آهي."

"پر سر!"

جميل بحث ڪرڻ ٿي چاهيو....

"توهان وڃي سگهو ٿا...!"

جميل مايوس ٿي پنهنجي ڪرسيءَ تي اچي ويٺو. هونءَ الائي ڪيترين ئي خبرون روز لڳڻ کان رهجيو وڃن پر هن خبر چڻ ته جميل کي پاتال ۾ ڦٽو ڪري ڇڏيو هو. هي گُم سُم ويٺو هو ته ايڊيٽر صاحب اڳيان فيڪس جو پنو ڦٽو ڪيس.

"جميل! وارو ڪر هي خبر سيٽ ڪري وٺ ساڳي باغ ۾ اتان جي نااليواري وڏيري ۽ سياستدان هيبت خان جي ڌيءُ جي به آڱر ڪٽجي پئي آهي ۽ سموري انتظاميه ٽرٽلي ۾ آهي."

اهو ٻڌي جميل هڪ نظر فيڪس وري پني تي وڌي ۽ ٻي پنهنجي ايڊيٽر جي چهري تي وڌي، جنهن جي چهري تي خبر جي اهميت واري ريکا واضح نظر اچي رهي هئي ۽ هِن جي دل ماتم ڪري رهي هئي.

⦿

## ”شرافت جو وڻ“

مينهن شام کان وقفي وقفي سان وسي هاڻي بند ٿي ويو هو. ڪمري جي گهٽيءَ پاسي ڪلنڊڙ دريءَ جا ٻئي طاق هوا جي زور تي کلي ۽ بند ٿي رهيا هئا. دري منجهان اينڊڙ تيز هوا سان گڏ پپر جا سڙيل پن به ڪمري اندر اچي رهيا هئا. هوا پٽ تي لڙڪيل ڪيلينڊر کي ڦڙڪائي پٽ کان ڌار ڪرڻ ۽ ڪيرائڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪري رهي هئي.

عُمر بيچيني مان کٽ تي پاسو ورايو. ڪلنڊڙ ۽ بند ٿيندڙ دريءَ تي نظر وڌائين. عمر کي دريءَ جو اهو بي ترتيب منظر نه وڻيو کٽ تان اُٿي دريءَ جي هڪ طاق کي جهلي ٻاهر ڏسڻ لڳو. ٻاهر نِهارڻ سان سندس وارن سان تيز هوا ڪيچل ڪندي رهي. سامهون ٺئي بيٺل پپر جي وڻ مان هوا جي زور تي ڇٽي آيل سُڪل پپر جا پن به سندس منهن سان ٽڪرائجي ڪمري ۾ داخل ٿي رهيا هئا. عمر ٻاهر غور سان ڏٺو پر موٽ ۾ ڪيس ٻاهر اونده ڪانسواءِ ڪجهه به نظر ڪين آيو. عمر دري کي بند ڪري، کٽ تي ڪاوڙ ۽ بيچينيءَ مان اهلجي پيو.

هاڻي سندس جسم جي گرمي نازڪ مرحلي مان گذري رهي هئي. عمر وري ٻه ٽي ڀيرا کٽ تي پاسا ورايا. سندس خيالن جو مرڪز جوان جماڻ صدوري هئي جيڪا اڳواٽ ئي ٻه سئو روپيا وٺي اجان ڪو نه پهتي هئي. عمر دل ئي دل ۾ صدوريءَ کي ڪچيون گاريون ڏيڻ ماءُ تي ڏنيون وري پاسو ورائيندي ڀٽڪيو:

”چندي رن کي هِن وقت تائين ته اچڻ گهربو هو!!“

عمر اکيون بند ڪندي ذهن تي تصور ٺاهڻ لڳو ته صدوري ڪمري ۾ اچي چڪي آهي:

”صدوري! تون ايترو وقت ڪٿي هيئن؟!“

”تو ٻاڻ ئي ته چيو هو سهڻي ٿي اچان!“

”او صدوري! اچ منهنجي هنن ٻانهن ۾......!“

عمر صدوري کي زور سان پنهنجي ڀاڪر ۾ ڀري ڪيس ڳلن تي مٺيون ڏيندو رهيو. صدوريءَ کي کٽ تي سمهاري سندس ”قميص کي هيٺان کان مٿي ڇڪڻ لڳو. صدوريءَ جي بدن تي هٿ ڦيرائيندي، هن جي خوشيءَ جي انتها نه هئي. صدوريءَ جي اڳ تي انگي ڇهتيل هئي. عمر سندس جسم تي هٿ ڦيرائيندي انگيءَ منجهان، عورت جي جسم تي وڏ ۾ وڏ خوبصورت نظر اينڊڙ بال نما ارهن کي ڇڪي ٻاهر ڪڍيو ۽ خيالي مزي ۾ محو هو ته گهر جو ٻاهريون دروازو کڙڪيو. سندس خيالي ۽ تصوراتي تاج محل پرزا پرزا ٿيندي ياسيس. وري دروازو کڙڪيو. عمر چين ۾ ڀٽڪيو:

”شايد اچي ويئي.... رنڊي!“

عمر کٽ تان اُٿي ڪمري جي ڏاڪڻ تان لهي گهر جو ٻاهريون دروازو کوليو پپر جا ڇٽي آيل پن هوا جي زور تي اندر ڪاهي پيا. دروازي تي صدوري بيٺي هئي. عمر جي سوچ جي برعڪس سندس جسم تي اهي ئي ڪلهوڪا ميرا ڪپڙا پهريل هئا. عمر ڏٺو ته صدوريءَ سان هڪ ڇهن سالن جو ننڍڙو ٻالڪ به ساڻ هو. عمر صدوريءَ کي چيو:

”صدوري! ايڏي دير.....؟!“

۽ ٻالڪ کي ڏسندي وري سوال ڪيائين:

”۽ هي ٻار ڪير آهي ۽ ڪنهنجو آهي.....؟“

صدوري جواب ڏيڻ بجاءِ ننڍي ٻالڪ تي شفقت جو هٿ گهمائيندي مٿي ڏاڪڻ تي چڙهڻ لڳي. ڪمري ۾ پهچي عمر کي چيائين:

”صاحب! جلدي ڪر ماڪي ٻي جاءِ تي ٻہ وڃڻو آھي.....“

عمر وري ننڍڙي ڏانھن نھاريو جيڪو پڻ ڪيس سواليا نظرن سان اڳ ۾ ئي ڪيس ڏسي رھيو ھو. عمر گھڻي دير تائين ٻالڪ سان اکيون ملائي نہ سگھيو. سندس اندر ۾ اٿ ٿڙ مانڌاڻ مچائي ڇڏيو ھو. صدوري ڪي بيقراري مان چيائين:

”صدوري! ڪالھ تائين ھيءُ تو سان گڏ نہ ھو, ھي ڪير آھي؟“

صدوري ڪٽ تي سمھندي ۽ قميص ڪي متي ڪرڻ لاءِ ھٿ وجھندي چيو:

”صاحب! ماڪي ھڪ ٻئي جاءِ تي ٻہ وڃڻو آھي, اڳ ۾ ٻہ چيم نہ تون پنھنجو ڪم ڪري وٺ تہ!“

”پر صدوري مون ڪي منھنجي سوال جو جواب ڏي ھي ٻار ڪير آھي؟“

”ائين سمجھ ھي ڪو ڇورو يتيم ٻار آھي ھن جو ڪو ٻہ وارث وغيره ڪونھي..... بس!“

”اھو تہ منھنجي سوال جو جواب نہ آھي.....!“

”صدوري ڪٽ تي ويھي رھي..... ايترو ئي شوق اٿي ٻڌڻ جو تہ ٻوءِ ٻڌ..... صاحب! ھي منھنجو پٽ آھي. ھن بدنصيب جو پيءُ جواري ۽ نشائي ھو. ھن جي پيءُ گھر جي ھر ھڪ شيءِ وڪڻي ڇڏي ۽ رقم جوا جي داءُ تي ھارائي ڇڏي, ايتري تائين جو ھن ڪميني ماڻھو ماڪي بہ جوا ۾ ھارائي ڇڏيو, پر پوءِ مان وڏي مصيبت سان ٻاڻ ۽ ھن جو سر بچائي ھن شھر ۾ آيس ھتان جي ماڻھن جون

نظرون مانتي ائين پونديون ھيون ڄڻ زندگيءَ ۾ ڪا عورت ڏٺي ڪو نہ ھجين.....“

صدوري جو آواز ڳورو ٿي ويو ۽ ڇوڻ لڳي:

”پوءِ ماڪي ھتي ڇا مليو؟ ھن ننڍڙي ۽ پنھنجي پيٽ جو دوزخ ڀرڻ لاءِ توھان جھڙن شريف ماڻھن جي بسترن تي سمھڻ شروع ڪيم ۽ ھاڻي جيتري تائين جيئري آھيان سمھندي رھندس.“

صدوري ايترو چئي رئندي رھي ۽ ڪٽ تان اٿي ٻيھي رھي تہ سندس ننڍڙو ٻالڪ بہ ڄنگھن ۾ ڄنبڙي روئيندو رھيو. صدوري, ٻالڪ ۽ ھوا سان گڏ اينڊڙ پير جي پنن جو آواز ڪمري ۾ درد جي ڪيفيت ڪي ھانوَ ڦاڙيندڙ بڻائي رھيو ھو. عمر ٻاڻ ڪي ڪيرٽر جبل جي ڇوٽيءَ تان ڪرندي محسوس ڪيو. ڪيس پنھنجي شرافت جي وڻ جا ڏار ٽڪاءُ ڏيندي ڀڄندي نظر آيا ۽ پنھنجي ئي نظرن ۾ ٻاڻ ئي ڪري ڇڪو ھو.

⦿

## ”ويساهه جو موت“

”ننڍڙي ڏيءَ! امڙ ائين ڇو پئي روئين....؟“

”بابا! اهو نه پڇ....!“

”وري به امان! خبر ته پئي تون ايترو زارو قطار ڇو پئي روئين.... مون کان ڏٺو ڪو نه ٿو ٿئي!!“

”بابا! مان اجڙيل آهيان، منهنجو ڪو به وارث وغيره ڪونهي منهنجو شهر اوڪاڙه آهي. هاڻي بس هن ٽرين تي چڙهي آهيان، جتي هي ٽرين بيهندي اُها ئي منهنجي منزل هوندي“

”ڌيءَ! تنهنجو وارث وغيره ڪوئي ڪونهي!!.... ڪو ته ضرور هوندو....!!“

”بابا! مان سچ ٿي چوان منهنجو ڪو به ڪونهي.... ننڍپڻ ۾ ماءُ پيءُ گذاري ويو، مون کي پنهنجي پڦي پاليو آهي، پر اُها ويچاري به مهينو اڳ گذاري ويئي ڪجهه ڏينهن مائٽن وٽ رهيس پر اُهي مون کان بيزار ٿي ويا.... مان پيو ڪو چارو نه ڏسي نڪري پيس.... هاڻي جيڪو به جهڙو به مون کي پنهنجو ڪندو مان ان سان پرڻجي ان وٽ رهندس.“

”عجب زمانو اچي ويو آهي.... هتي ڪوئي به ڪنهنجو نه آهي.... رشتن کي الائي جي ڇا ٿي ويو آهي.... نه رو.... منهنجي امان نه رو.... تون مون سان هل مان ئي ڪجهه ڪيان ٿو....“

”چاچا وريام! مون سان ته ظلم ٿي ويو......!“

”ڇو ابا! وائي ته سٺي ڪر....“

”ڪهڙي وائي سٺي ڪيان، تنهنجي چوڻ تي ان ڇوڪريءَ سان شادي ته ڪيم اُها ته مون کي برباد ڪري ٻه ڏينهن ٽيندا جو گهر مان شادي ۾ مليل سمورا زيور کڻي ويئي ۽ اڄ اخبار ۾ ان جو فوٽو به آيو آهي ته اها ڪورٽ ۾ پيش ٿي آهي ۽ سندس مائٽن جو چوڻ آهي ته اسان هن کي زوري اغوا ڪري هتي کڻي آيا هئاسون.“

”ڇوڪري، مائٽ، شادي، زيور، زوري اغوا ۽ اُهو به اسان.....!!“

۽ ايترو سوچيندي چاچي وريام جو وات ئي ٽڄي ويو ۽ يقين نه ٿي آيس ته هي دنيا ايتري ڪيئن بدلجندي پئي وڃي......!!!

⦿

# ”ماچيس جي تيلي“

اوچتو رڙيون مچي ويون.....

”پڪڙيو پڪڙيو.... حرامين کي پڪڙيو.....!“

ڪنهن فليٽ مان ڦر ڪرڻ جي ارادي سان آيل ڦورو ناڪام ٿيڻ تي ڀڄي نڪتا ته اوچتو ماڻهن ۾ هُل پئجي ويو....

گڏ ٿيل ماڻهن جي وڏي ميڙ ٽنهي ڦورن کي پڪڙي ورتو ته ميڙ مان ڪنهن چيو:

”هنن ڪتن کي پوليس جي حوالي نه ڪجو.... چو ته اُهي هنن کي ڇڏي ڏيندا..... هنن اسان جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي!“

وري ڪنهن چيو:

”سوئر.... سوئر جا پٽ آهن هي.... ڪتيو زال جي پٽن کي.... نه ڇڏجو....“

وري ڪنهن چيو:

”هي ڪهڙو اسان تي رحم ٿا ڪن.... مارڻ ۾ به دير نٿا ڪن..... نه ڇڏجو.... هتي ئي ٽنهي کي ڦاسي ٿا چاڙهيون....“

هڪ پوڙهي چيو:

”ڇڏيو پٽ! قانون کي هٿن ۾ نه کڻو، رياست هنن کي پاڻ سزا ڏيندي، هنن کي پوليس جي حوالي ڪريو، ائين نه ڪريو، هر ڪنهن پاڻ سزا ڏيڻ شروع ڪئي ته پوءِ ڪو به محفوظ نه رهندو!!“

نوجوان چيو:

”چڏ چاچا! اِهي نصيحتون هي ته روز جو معمول ٿي ويو آهي اسان تنگ اچي ويا آهيون....“

ٻئي نوجوان چيو:

”ڪيو موٽر سائيڪل مان پيٽرول، ساڙيو حرامين کي.....“

۽ پوءِ مٿن پيٽرول هاريو ويو ۽ پوءِ ماچيس جي تيلي جو ننڍڙو شعلو مٿن اچلڻ سان ٽنهيءَ جون هانوَ ڦاڙيندڙ رڙيون ۽ درد ڀريون آهون هيون، جيڪي ماڻهن جي ميڙ جي ٽهڪن ۽ رڙين ۾ دم ٽوڙي وڃهن ٿيون.........

⊙

# ”مَـرّڊ جو حياءُ“

هُن چيو: هاڻي رات جو ننڊ تڏهن اچي ٿي جڏهن پاسا ورائي ورائي ٿي ٿڪجان!

مون چيو: ڇو؟

هن چيو: اڪيون ٿي پوريان ته هو هليو ٿو اچي!

مون چيو: ڇا ٿو ڪري ٿو ڪي؟

هن چيو: صرف ڏسندو رهي ٿو.

مون چيو: اڙي! پوءِ ڏسڻ ۾ ڇا آهي؟

هن چيو: مون کي حياءُ ٿو ٿئي!

مون چيو: هُن کان حياءُ ڇا جو؟

هن چيو: بس مون کي سمجهه ۾ ٿو اچي!!

مون چيو: آخر ٿو ڪي ڏسي ٿي ته اٿو، پر جي ڪجهه ڪيائين به ته تو ڪي پاڪر ۾ پريندو، جي تو ڪي پاڪر ۾ به پريائين ۽ هڪ مٺي به ڏنائين ته تنهنجي ڪوسن چپن تي لعاب جي چاشني آٽيندو ۽ جي اها چاشني تو چکي ته، ڇري! اهو حياءُ پيار ۾ بدلجي ويندو!

هن چيو: ته اهو پيار آهي!!

مون چيو: پيو نه ته!

هن چيو: ته پوءِ اهڙو حياءُ هن کي به ٿيندو هوندو!

مون ڪجهه به نه چيو، مون وٽ ڪو به جواب نه هو، ڇو ته مان مرّد نه هيس!

⦿

# ”آخري مُلاقات“

”راجا! تون واقعي سٺي شخصيت آهين، تو مون سان سمورين اوڻائين باوجود پيار ڪيو. منهنجن دردن کي پنهنجا درد سمجهي پنهنجي سيني سان لاتئي ۽ تو مونکي ان وقت سهارو ڏنو جڏهن مان پوريءَ طرح زندگيءَ کان مايوس هُيس. مون کي جيون ۾ تو جهڙو حقيقي ۽ سٺو جيون ساٿي نہ ٿي ملي سگهيو. تو ۾ جيون ساٿي هجڻ جون سموريون صلاحيتون موجود آهن، پر جيئن تہ مون کي اجان اڳتي وڌڻو آهي تنهن ڪري مان توسان شادي نٿي ڪري سگهان. هي هيڏي ساري زندگي پيسي کان بغير، کوکلن لفظن، خالي ڪتابي ڳالهين، فضول شاعريءَ تي نٿي گذاري سگهجي. تون سٺو ماڻهو آهين. پنهنجي لاءِ ٻي چوڪري ڏسي شادي ڪري ڇڏجانءِ وري مُلاقات ٿئي الائي نہ..... تنهن ڪري دل ۾ نہ ڪجانءِ.....“

ايترو چئي شازيہ چانهہ جو بل ڏيئي راجا کان موڪلائي هلي ويئي. راجا جيڪو شازيہ جي دل جو راجا نہ ٿي سگهيو هو، پر پنهنجي هارايل وجود جو راجا ٿي پاسيو شازيہ جا لفظ پڙاڏو بڻجي ڪنن ۾ وڄندا رهيس ۽ پنهنجون اکيون آليون ٿيندي محسوس ڪيائين پر جلديءَ ۾ پاڻ سنڀاري ويو.

صبح جو جيئن آفيس پهتو تہ سندس ڪلارڪ دوست ٻڌايو تہ ”پاڻ واري ٽائپسٽ مس شازيہ پاڻ واري صاحب سان شادي ڪري ڇڏي آهي ۽ ڪافي ڏينهن کان سندن افيئر بہ هلي رهيو هو.“ اهو ٻڌي راجا کي ڪا بہ حيرت ڪا نہ ٿي.

مهيني جي موڪل ڪانپوءِ شازيہ وري ڊيوٽي تي اچي ويئي ان تي آفيس جي ڪنهن بہ ماڻهو کي حيرت ڪا نہ ٿي، جو تہ پندرنهن ڏينهن ڪانپوءِ ٻنهيءَ ۾ طلاق ٿي ويئي ۽ ان وقت بہ راجا کي ڪا بہ حيرت نہ ٿي هئي ۽ اڄ جڏهن مهيني ڪانپوءِ شازيہ ڊيوٽي تي آئي هئي تڏهن بہ ڪيس ڪا بہ حيرت نہ ٿي آهي.

⦿

# ”آخري چُمي“

”جيجل امان! ته پوءِ مون کي اجازت آهي ته مان پنهنجي ڌرتيءَ لاءِ جنگ جوٽڻ وڃان!“

جيجل ماءُ جي اکين ۾ آگم خوشيءَ جو وسڪارو لائي ڏنو پنهنجي جانثي جوان پٽ جي واتان اهو ٻڌي سندس ڪنڌ فخر سان اوچو ٿيندو ويو......

”ابا! وڃ ۽ پنهنجي ڌرتيءَ لاءِ جنگ جوٽ ۽ هڪ ڳالهه ياد رکجانءِ گولي تنهنجي سيني تي هجي، جيڪڏهن گولي تنهنجي پٺيءَ تي ڏٺم ته پنهنجي ٿڃ نه بخشيندي سانءِ.“

۽ اهو چوندي جيجل ماءُ پنهنجي جوان پٽ جي نرڙ تي آخري چمي ڏني.

۽ جڏهن سندس جوان پٽ جو لاش آيو ته سندس سڄو جسم گولين سان چڇريل هو.

⦿

# ”ٻُڪ پَرم جي“

ميرا ڪپڙا پھريل، گرميءَ ڪري پگھر ۾ شل، ڪاراٽيل جھيٽو جسم، اکيون ڏرا ڏنل، اندر ٽيل، وچ چوڪ تي بند پيل جوس واري مشين جي ٽيبل کي پٺيءَ جو سھارو ڏيئي ويٺل، ھر ھر منھن تان پگھر کي پوتيءَ سان تي اگھيائين. سندس سامھون جيتامڙو وجود سندس ئي پٽ صرف ميري قميص ۾ زمين تي گڏ ويٺل ۽ نڪ مان وَڙھيل سنگھ مٿين چپ تائين آيل، ٻڪ وگھي پاھ ٽيل.

ايتري ۾ سندس ور ھڪ ھنداٽي جو اڌ ڪٽي وٽن اچي تو تہ پنھي ماءُ پٽ جي چھرن تي خوشي جُھمر پائيندي پاسي تي. ٽئي ھنداٽي کي ڪاٺ ۾ جنبي وجن ٽا. اڌ ھنداٽو ڪاٺ ڪانپوءِ وني پنھنجي ور کان پڇي ٽي:

”اي! ھي ڪتان آندو ھجئي؟“

سندس ور ڪو بہ جواب نہ ڏنو تہ ونيءَ وري پڇيس:

”اي ھي! جباب چو تتو ڏين؟“

سندس ور منھن کي ڏسي پنھنجا ھٿ چنڊيندي چيس تو:

”اي ھي سوني! تو کي ھميشہ تڪڙ چو ھجي، تو ھنداٽو کاڌو ھجي تہ بس... تون انب کائيندي ھجي تہ ان جي کوکڙين کي چو تي ڳڻين؟“

”اڙي مڙد! سوني اھڙي مائي نہ ھجي پر خبر تہ ھجي نہ ..... تہ تو وٹ صبح لاڪون ھڪ رپيو بہ نہ ھجي تہ پوءِ تون ھي ھنداٽي جو اڌ ڪتان وٺي آيو ھجي؟!“

”اي سوني! ھي زمانو وھندو ھجي ۽ دريا بادشاھ ھجي..... ھڪ پراٽو سنگتي ملي ويو ھجي تہ ان ڪجھ پيئسہ ڏنا ھجن بس ايتري ڳالھ!“

”اي ھي! نہ ڪو..... مان تو کي سڃاڻيندي ھجان..... سچ پچ ٻڌاءِ!“

”اي ھي سوني! مون کان توھان جي ٻڪ ڏٺي نہ ٿي ھجي، ھتان جو اٿي ويس تہ پرلي چوڪ تي گند جي پيٽيءَ ۾ انھيءَ ھنداٽي جو اڌ پيو ھجي تہ کڻي ھليو آيس، ٻڪ ڪانپوءِ اھو بہ پلو ھجي ھاٽي تہ تو کي دلجاءِ تي ھجي نہ.....!“

۽ اھو ٻڌي پاڻ بہ روئڻ لڳي تہ سندس سامھون ويٺل جيتامڙو بہ روئندو رھيو تہ ڪيس چڪي پنھنجي ڇاتيءَ سان لاتائين سندس جيتامڙو وجود تہ چپ ٿي ويو پر سندس اکين ۾ سمونڊ اٿلي پيس روئندي رھي..... روئندي رھي..... چوڪ تي سرعام ڪوئي تڙپي رھيو ھو ۽ چوڪ تي عام معمول واري زندگي پنھنجي ڏن ۾ پنھنجي رفتار سان جاري ھئي.

⊙

# ”آف دي رڪارڊ“

”مان ٿو چوان هڪ وڏي سازش ٿي رهي آهي، سازش به اهڙي سازش جيڪا صرف اکيان پنيان هر پاسي کان سازش نظر اچي رهي آهي. اهي ظالم ٿا چاهين ته اسان سازش ڪيون يا ته وري هو اسان جي سازش کي سمجهي چڪا آهن.“

اهو چوندي ننڍي دانشور وڏي دانشور تي نظر وڌي ته وڏي دانشور پنهنجي نڪ تي سُرڪي آيل ٿلهي چشمي کي هٿ جي اشاري سان مٽي ائين لوڏو ڏنو ڄڻ ذهن بجاءِ ٿلهي چشمي سان، ٿلهي ڳالهه سوچيندو هجي. ننڍي دانشور جي ڳالهه واري دال ۾ ٻيو ڪجهه ڪارو هجي نه هجي ”سازش“ وارو ڪارو پٽر صاف نظر اچي رهيو هو. ننڍو دانشور، وڏي دانشور کي سوچ جي ڊُبي ۾ غوطا کائيندي ڏسي، وري چوڻ لڳو:

”اسان کي ان ”سازش“ خلاف سازش ڪرڻ گهرجي نه ته هنن جي سازش ڪامياب ويئي ته پوءِ اسان جي سازش جو ڇا ٿيندو.....؟“

”ننڍو دانشور ڳالهائي رهيو هو ته عادت موجب وچ ۾ وڏي دانشور ڳالهايو.

”معاف ڪجانءِ مان وچ ۾ ٿو ڳالهايان، جيڪڏهن ان سازش کي ڪاري ڪري مارائجي ته ڪيئن رهندو.....!“

”ننڍي دانشور وڏي دانشور جي اهڙي ڳالهه ۽ صلاح ٻڌي ڄڻ ته باغ بهار ٿي ويو. ان تي ننڍي دانشور وڏي دانشور جي پيرن تي هٿ رکندي چيو:

”وڏا! هتي ۽ هن موقعي تي ”ڪارو ڪاري“ جي رسم واهه جو ڪم ڏيندي..... اسان جا ڪافي غير دانشور ان رسم جي خلاف آهن مان چوان ٿو ڪا به رسم يا ڪا به شيءِ هتي غلط ڪونهي هتي ڪڏهن ڪڏهن ڪکُ به ڪم ڏيئي وڃي ٿو آخر هڪ ڪکَ هيٺان لکُ جو لِڪل آهي.“ ساهه کڻي وڌيڪ چوڻ لڳو ”ترقي پسنديءَ ۾ اسان کي پنهنجن رسمن کي نه وسارڻ گهرجي آخر غيرت به ڪا شيءِ آهي.....!“

وڏي دانشور گول ڪرسي تي ڦرندي چيو:

”ان سان ڇا ٿيندو جو ان سازش کي ڪاري ڪرڻ ڪانپوءِ آخر ڪار فيصلو به ته اسان جي هٿ ايندو نه..... پوءِ ڏسجانءِ منهنجا فيصلا.....!“

وڏي دانشور جي ان ڳالهه تي ننڍي دانشور جون اکيون خوشيءَ منجهان گول ڦرڻ لڳيون پر ننڍي دانشور جي نرڙ تي سوچ جون ريکائون به چٽيون نظر پئي آيون. هڪ ساعت ۾ وڏي دانشور کي مخاطب ٿيندي چيائين:

”وڏا! ڀلا ان سازش کي ڪاري ڪري ته مارائجي پر آخر ڪار ڪيس ڪنهن سان ڪارو ڪجيس؟“

ننڍي دانشور جي انهيءَ ننڍي ڳالهه تي وڏي دانشور پنهنجي اعليٰ دانشوريءَ سان هي چيو:

”ان سازش کي ساڙ سان ئي ڪاري ڪري مارائڻو پوندو تڏهن وڃي جند ڇٽندي.“

”معاف ڪجانءِ وڏا! ساڙ ته اسان جو طاقتور بازو آهي اهو ڪيئن ٿو چئين. هٿ ظالمن جي سچ سان ئي ڪيس ڇو نه ڪاري ڪري مارائجي.“

ننڍي دانشور جي ايڏي گهرائي واري ڳالهه تي وڏو دانشور داد ڏيڻ کانسواءِ رهي نه سگهيو ۽ چيائين:

”واقعي تون هڪ ڏينهن منهنجي جاءِ ضرور ڀريندين، مون کي اڄ تو تي فخر ٿي رهيو آهي. اها ڪيڏي نه حقيقت آهي ته هر ڪوئي پاڻ جهڙي کي واهه جو ڳولهي لهي ٿو. مان پنهنجو پاڇو تو ۾ ڏسي رهيو آهيان. هاڻي گهٽ ۾ گهٽ مان مطئمن آهيان.“

”بس وڏا! اها تنهنجي مهرباني آهي، نہ تہ پاڻ واقعي ڪنهن ڪان گهٽ بہ تورئي آهيون.“

نندي دانشور جي اها ڳالهہ ڇڻ تہ وڏي دانشور ڪان ڪجهہ هضم ٿيندي نظر نہ آئي ڇو تہ وڏي دانشور جي موجودگي ۾ اها ڳالهہ ڪرڻ ڪنهن بہ طرح صحيح تہ نہ هئي نہ، نندي دانشور کي اهڙي جملي ڳالهائڻ ڪان پوءِ احساس ٿيو تہ هن ساندي وانگر رنگ مٽائيندي سڄي ماحول جو رنگ بہ مٽائي وڌو ۽ چوڻ لڳو:

”سائين! هن سرڪاري ادبي اداري جا توهان اجا ڪيترو عرصو سنياليندڙ رهندؤ.....“ ان تي وڏي دانشور پنهنجي ٿلهي چشمي اندران وڏيون اکيون ڪيندي چيو ”ڇو.......؟“

”اهو ان لاءِ تہ ڪجهہ ڪتابن ڇپائڻ لاءِ تياري ڪجي.“ نندي دانشور جو اهڙو جملو ٻڌي ڪجهہ بهتر ٿيو ۽ چيائين:

”تون ٻڌاءِ ڇا ڇپرائجي.....؟“

”سائين توهان پنهنجا ۾ چار ڪتاب ڇپائي وجهو هيڏو توهان جو ڪم ٿيل آهي ۽ نالو بہ آهي ۽ وڏي ڳالهہ تہ توهان جو حق بہ آهي ۽ اها عزت توهان ماڻهن ڪان گهري وٺو ڇو تہ اهڙو حق حاصل ڪرڻ لاءِ سڀ ڪجهہ جائز آهي. هونئن بہ توهان هن اداري تي سربراهہ جي حيثيت سان ويٺا آهيو تہ بہ وڏي ڳالهہ آهي ۽ ڪو نوجوان اچي ويٺو تہ سڀ ڪجهہ ڪائي ويندو ۽ اهڙا ڪم ڪندو جو اداري کي سڄي سنڌ ۾ خوار ڪندو ۽ خواهہ مخواهہ پاڻ کي مشهور ڪندو ڪهڙ ۾ گهٽ توهان تہ ائين نہ ڪندؤ توهان اڳ ۾ ئي مشهور آهيو ۽ توهان جي هڪ الڳ سڃاڻپ آهي ۽ توهان جيڪو ڏکيو تحقيقي ڪم ڪيو آهي جيڪو ڪوشش جي باوجود ڪنهن کي سمجهہ ۾ نٿو اچي پر اڳتي هلي صدين ڪان پوءِ ضرور ڪو نہ ڪو ماڻهو سمجهيو بہ تہ اها توهان لاءِ وڏي ڳالهہ هوندي.“

وڏو دانشور نندي دانشور جي اهڙي ڳالهہ ٻڌي ڏاڍو خوش ٿيو ۽ خيال آيس تہ هيڏي پر مغز ڳالهہ ٻولهہ ٿيڻ ۽ گهڻي وقت گري وڃڻ ڪان پوءِ بہ چانهہ جو تہ آرڊر ڏنو ئي ڪونهي... وڏي دانشور گهنٽي وڄائي پٽيوالي کي گهرايو.

”بابا ۾ ڪير پتي چانهہ ملائي واريون ۽ کائڻ لاءِ ڪجهہ بسڪٽ بہ..... ها تہ تون ڇا چئي رهيو هيئن.....؟

⊙

# ”دُک جي ديوار“

انگريزن جي دور جو هڪ پراڻو سرڪاري ڪوارٽر ۽ سرڪاري ڪوارٽر پاهران پوليس جو ڪڙو چڙهيل ۽ هي ٻئي آخري ملاقات ۾ ماٺ ڪيو هڪ ٻئي سامهون ويٺل آهن. فهميده ڪي ڳاڙهو وڳو پاتل آهي. سچڻ کي مسلسل سواليا نهاري رهي آهي. سچڻ سندس اکيان ڪنڌ جهڪايو ويٺو آهي. چڱي ماٺ کان پوءِ فهميده پرجي آيل اکين ۽ ڳوري آواز سان چئي ٿي:

”سچڻ!..... مون کي ڇڏڻ جو فيصلو تو ڪيو ڪيئن؟“

فهميده جي اکين جا ڳوڙها ڇپرن جا بند ٽپي وهي پيا. ائين ٿي پاسيو فهميده جا اهي ڳوڙها سڀ ڪجهه وهائي ويندا سڀ ڪجهه..... ڪاش سچڻ طرفان مليل دک جي ديوار کي به پاڻ سان کڻي وڃڻ جي سگهه رکندا هجن ها. هونئن ته سچڻ سان نڪرڻ واري مهل کان وٺي هر مرحلي تائين هن هر هڪ دک کي پئي سٺو، پر سچڻ جي ڇڏڻ تي الائي ڇو هي ته اڌ ٿي پئي هئي.

سچڻ جيڪو سماج جي ڪوڙين ريتن رسمن جي هٿ ڪڙولن ۾ گرفتار ٿي چڪو هو. تنهن اڳ ۾ به ڪو نه اُڪليو پر سندس منهن مسلسل هيٺ هو. فهميده پنهنجي سموري سگهه ميڙي وري ڳالهايو:

”تنهنجي خاموشي ڪي سچڻ! مان ڇا سمجهان تون ئي ته هُئين هيترن ماڻهن مان جنهن تي منهنجي اعتبار جي ديوار رکيل

هئي تون ته اهو پوئو هئين جنهن تي اعتبار جي مند ۾ گل ٽڙي پوندا آهن. تو هي ڇا ڪري ڇڏيو. اسان هڪ ٻئي کان ايترا اوپرا ٿي ويا آهيون، جو اسان جي هن آخري ملاقات ۾ هن سرڪاري ڪوارٽر پاهران سرڪار جو ڪڙو چڙهيل آهي. مون کي جواب ڏي ته هاڻي هن سماج ۾ منهنجو ڪردار ڇا بچندو. سچڻ! تو ائين ڇو ڪيو؟“

سچڻ جي ڳوڙهن به نيٺ بند ٽپيا پر سندس منهن پوءِ به هيٺ هو.

فهميده وري ڳالهايو:

”سچڻ! آخر تون ڪو به جواب ٿو ڏين ته مان ڇا سمجهان..... تون بيوفا آهين يا مان!..... مونکي رستو ڏيکار ته آخر مان ڇا ڪيان منهنجو رهبر جو تو هئين، ڇا مان ائين سمجهان ته تون ارادي جو مضبوط ناهين، هميشه مون جهڙين ڇوڪرين کي ائين پليدان چاڙهيو ويندو رهندو؟ هن هيڏي سفر ۾ مان تو سان گڏ بيٺي آهيان.“

پر سچڻ پنهنجو منهن مونن ۾ وجهي روئندو ئي رهيو ۽ فهميده انگريزن جي دور جي سرڪاري ڪوارٽر جو دروازو کولي ٻاهر هلي وئي.

⦿

# ”حق ۽ آزادي“

هو جيئن ئي ”عورتن جي حقن ۽ انهن جي آزادي“ جي موضوع تي تقرير ڪري هيٺ لٿو ته تاڙين سان هال وڄڻ لڳو. هي پنهنجي ايتري پذيرائي ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو. هي خوش هو ۽ هن جو ضمير بہ مطمئن هو، ان لاءِ ته هن مڙدن جي معاشري ۾ مظلوم عورتن جي حقن جي ڳالهه ڪري، چڻ ته پنهنجي نظريي ڪي ٻين تائين پهچائڻ جو حق ادا ڪيو هو، ۽ اهو ئي هن جي نظرياتي پارٽيءَ جو موقف هو.

هي سيمينار ۾ آيل سيني عورتن جي چهرن ڪي غور سان ڏسي رهيو هو، جيڪي ڪيس مجتا ڏيئي رهيا هئا. سندس اهڙا ئي خوبصورت چنڊ جهڙا چهرا هن جي ڪمزوري بہ رهيا هئا، ان سمي هي بہ چڻ ته ٻهڪندو رهيو.

هي جيئن ئي گهر پهتو ته سندس ڌيءَ ڪومل ڏاڍو خوش ٿيندي پڇيو: ”بابا! اڄ ڏاڍا خوش پيا لڳو، خير ته آهي نہ.....“

”ها پٽ! مان ڏاڍو خوش آهيان ان لاءِ ته، اڄ مون سيمينار ۾ ”عورتن جي حقن ۽ انهن جي آزادي“ تي ڪامياب تقرير ڪئي آهي. سمجهان ٿو ته مان پنهنجي نظريي ۽ پنهنجي پارٽيءَ جو موقف پيش ڪيو آهي.“ سندس ڏهن سالن جي ڌيءَ ڪومل ڪي عورتن جي حقن ۽ انهن جي آزادي جي ڳالهه سمجهه ۾ نہ آئي ته وري ڪائنس پڇيو:

”بابا! ”حق ۽ آزادي“ اهي ڇا آهن بابا........“

”اڙي منهنجي چري ڇوڪري، حق معنيٰ.......“

هي سوچڻ لڳو:

”ائين سمجهه عورتن ڪي جيڪا شيءِ گهرجي اها انهن ڪي ڏجي ۽ آزادي معنيٰ اها شيءِ ته عورت هر فيصلي ۾ آزاد هجي، ڪجهه سمجهئي.“

”پر بابا! توهان ته ڪڏهن بہ امان ڪي ڪا بہ شيءِ نہ وٺي ڏني آهي ۽ امان ته ڪڏهن بہ ڪو فيصلو پاڻ نہ ڪيو آهي؟“

”اها ڳالهه عورتن جي حقن ۽ انهن جي آزادي جي آهي تنهنجي ماءُ جي لاءِ ناهي، ڇڏاءِ ماني ڪٽي اڄ ڏاڍي بک لڳي آهي.“

⊙

## ”اڏام“

”اسان جي به ڪا زندگي آهي، اڄ ٽيون ڏينهن آهي جو مينهن بند ٽيڻ جو نانءُ به ڪو نه پيو وٺي. ڏس هڪ ڪچو گهر پيو گهر جو آڳر به ڳرڇڻ سان سڄي ويو آهي. هڪ اسان غريب وري پيو عذاب به اسان سهون“

”اڙي سفوران! ڇا پئي چپن ئي چپن ۾ پٽڪين؟“

”اڙي! رڳان پئي پنهنجي مقدر تي“

”اڙي هاڻي ڇو ٿي هٿ هڻين، لشڪر ڪديون وڃين آهين“

”اهو به تنهنجو نه!“

”نه ڙي نه...... اسان پنهين جو پورهيو آهي“

”واهه ڙي مڙد تنهنجو انصاف“

”اڙي هاڻي ٺهيو، هنج وارو ننيڙو پيو روئي تنهن کي ٻبو ڏي“

سفوران ٻار کي ٻبو ڏنو ته ٻار سانت ڪئي، وري سندس مڙس شمن ڳالهايو:

”سفوران!“

”ڇئو ڇاهي؟“

”اڄ سوڌو مينهن وسي پيو اهو مينهن به ڏينهن ٻيا وٺو ته ٻاڻ ڇا ڪائينداسين ۽ مٿان وري هي ڪچڙو عيال“

”بس شيروءَ جا پيءُ! مالڪ کي رحم پئي ٻاڻ ڇا ٿا ڪري سگهون“

”يلا ٻڌ!“

”ها چئو“

”ننيڙو سمهي پيو“

”چو؟“

”اڙي تو ۾ ڪم آهي“

”پوءِ اتان ئي چئو نه“

”صفا سادي آهين، ننيڙي کي سمهاري هيڏي منهنجي کٽ تي اچ!“

سفوران ننيڙي کان آهستي پنهنجو ٻبو ڇڏايو ۽ کيس آهستي آهستي پنهنجي ٻن سالن جي ننيڙي ڌيءَ سان سمهاريو. پوءِ هوءَ اتان اٿي ٻئي کٽ تي آئي، جتي سندس ٽي ٻار ستا پيا هئا. انهن مٿان ٻرانگهه وجهي پنهنجي مڙس شمن جي کٽ تي آئي.

”ها شيروءَ جا پيءُ! چئو“

”آءُ مون سان گڏجي سمهه، توسان ڪچهري ڪرڻي آهي“

سفوران فرمانبردار گهرواري جيان پاسي ۾ اهلجي پيس.

”سفوران! ڪيڏن ڏينهن کانپوءِ پاڻ گڏ ستا آهيون“

”چا ڪيان ٻارن مان واندي ئي ڪا نہ ٿي ٿيان. سڄو ڏينهن انهن جي اڳ پوءِ ۾ گذري وڃي ٿو. جڏهن اهو جبل جيڏو ڏينهن ڪٽي ٿو تہ وري رات جو هر هر ننڊڙو ٿو اٿي. هاڻي الائي ڪڏهن مس آرام آيو اٿس“

”پر سفوران! پاڻ سڄو ڏينهن وڃين ٿو ڪم ڪار ۾ گذاريان. رات جا چار پهر جيڪر گڏ گهارجن تہ سموري ڏينهن جا اصل ٿڪ ئي لهي وڃن“

شمن سندس مٿان ٻانهن ڦيري سفوران کي پنهنجي ڀاڪر ۾ ڪيو. ”سفوران! اسان غريبن جي بہ ڪهڙي زندگي آهي؟ خبر ئي نہ پئي ٻارن ٻچن وارا ٿي وياسين. سڄو ڏينهن ٿو وهان تڏهن بہ پورت ڪونهي. ڀِرين شيرو جائو تہ مڙئي مالڪ جي مهربانيءَ سان گاڏو پيو گڙندو هو. پر هاڻي هنن هيڏن ٻارن جي لٽي ڪپڙي جي ڪيان. انهن جي ڪائڻ پيئڻ جي ڪيان يا انهن جي پڙهائي جي ڪيان!“

”اڙي شيروءَ جا پيءُ ايتري ۾ دل لاٽي اٿي. اڙي ٻار اسان تي ڪهڙو بار آهن. هر ڪو پنهنجو رزق پاڻ سان کڻي ايندو آهي. تون ڪو الڪو نہ ڪر. مڙئي ڀلائي ٿيندي.“

سفوران شمن جي اٽڻ جي ٿهہ تائين پهچي چڪي هئي. ان ڪري هن شمن کي هڪ مٺي ڏني. انهي مٺي شمن جون سموريون ڳڻتيون ختم ڪري ڇڏيون. انهي مٺي شمن ۾ ڄڻ تہ شڪتي آڻي ڇڏي ۽ انهيءَ مٺي شمن کي بي قابو ڪري ڇڏيو. شمن پنهنجو هٿ سفوران جي چولي اندر وڌو ۽ سندس ڇاتين سان کيڏڻ لڳو. سفوران بہ هڪ قسم جو سرور محسوس ڪيو. ائين ٻنهي هڪ ٻئي تي مٺين جو وسڪارو لائي ڏنو.

ائين ٻنهي جسمن ۾ گرمي وڌندي وئي ۽ هاڻي ٻئي جوبن ۾ اچي ويا. شمن سفوران جي قميص جو مٿيون پلو مٿي ڇڪي ورتو سندس سامهون سفوران جي ڇاتي هئي. جيڪا اڳ جي ڀيٽ ۾ ڪيس نپوڙيل پاسي. انهيءَ لڙڪيل گوشت جي ٽڪرن کي ڏسي وائسي رهيو. جيڪي کيس هن کي ڪنهن مسجد جا ڊٺل مينار پاسي رهيا هئا.

شمن کي شادي جي ڀرين رات ياد آئي. ان ڏينهن سفوران پنهنجي ڦوهہ جواني ۾ هن سامهون هئي. سندس وڌيل اڳ کيس ڪنهن قلعي جا مضبوط برج ڀاسيا هئا. سفوران جو وڌيل اڳ هميشہ شمن جي ڪمزوري رهيو. ايتري ۾ ننڊڙو روئڻ لڳو. سفوران پنهنجي قميص هيٺ ڪري هڪدم ننڍڙي ڏانهن وڃڻ لاءِ اٿي. شمن پنهنجي سوچ مان واپس موٽي آيو. کيس پنهنجي ننڍڙي تي ڪاوڙ بہ ٿي آئي ۽ پيار بہ.

ايتري ۾ وري مينهن تيز پوڻ شروع ٿيو ۽ شمن ڪمري کان نڪري ورانڊي ۾ بيهي، تيز پوندڙ مينهن کي ڏسڻ لڳو. شمن

چپن ئي چپن ۾ چيو ”الله سائين! هاڻي مينهن کي بند ڪر. اچي تنگ ٿيا آهيون. شمن اندر ڪمري ۾ گهري آيو سفوران کيس چيو:

”شيروءَ جا پيءُ! مينهن تيز پيو پوي ڇا؟“

”هائو“

”هاڻي الله سائين بند ڪريس اڳئي پنهنجو گهر ڪچو آهي. وڌيڪ مينهن پيو تہ پوءِ پنهنجو غريباڻو اجهو تہ لڙهي ويندو.“

پر شايد مالڪ ٻنهي جي ٻڌي ورتي هئي. مينهن آهستي ٿيو هو ۽ شمن وري مينهن جو جائزو وٺڻ لاءِ ورانڊي ۾ آيو. هاڻي مينهن جي ڦڙي ڦڙي ٿي پئي. هي سڌو ڪمري ۾ اچي پنهنجي کٽ تي اهلجي پيو.

”سفوران!“

”ها چئو“

”ننڊڙو سمهي پيو؟“

”ها مس وجي اک لڳي اٿس.“

”پوءِ ٻيلي قرب جو پير پري هيڏي اچ نه، اچ الائي چو دل توکي پنهنجي پاسي ۾ سمهارڻ گهري ٿي.“

سفوران کيس اٿان ئي مرڪي چيو:

”دل چوئي ٿي يا.....“

”اڙي! مان ٿر آهيان، اچ مون تي وسڪارو ڪر، جيئن منهنجو سَنڌ سَنڌ ٺري پئي.“

سفوران ننيڙي کي وري پنهنجي ڏيءُ سان سمهاري شمن ڏي آئي ۽ گڏ ستي.

”شيروءَ جا پيءُ!“

”ها چئو“

”اسان تان ڏکيا ڏينهن ڪڏهن ٽرندا؟“

”اڙي! مولا چاهيو ته جلد ئي، ان وٽ دير ضرور آهي پر انڌير ناهي“

”پر شيروءَ جا پيءُ!“

”پر ڇا؟“

”پر اهو ته اسان کي به ڪجهه سوچڻ کپي، تون ڪمائڻ وارو هڪ آهين ۽ اسان کائڻ وارا هيترا، مٿان وري گذران به مشڪل سان پيو ٿئي، پاڻ پنهنجو پيٽ گذر الائي ڪيئن پيا ڪيون.“

”اڙي شيروءَ ماءُ! اُلڪو چو ٿي ڪرين؟ مان ويٺو آهيان نه، جيستائين منهنجي سيني ۾ دم آهي مان توهان کي بک تي ويهڻ ڪو نه ڏيندس، هيڪر تون مينهن کي ٻند ٿيڻ ڏي پوءِ ڏسجانءِ“

”شيروءَ جا پيءُ! شيرو پاڙي وارن جي گهر ٽي_وي ڏسي آيو آهي، تون نڪري ويندو آهين ته مون کي چوندو آهي ته بابا کي چئو ته اسان کي به ٽي_وي آڻي ڏي.“

هي ماٺ رهيو، پر پوءِ سفوران کي چيائين:

”بس تون مينهن کي ٻند ٿيڻ ڏي، ڏسان تو ڪنهن کي، مٿان ڪو قسطن تي ٽي_وي ڏئي وڃي، بس وينا ڏسجو بس“

”پر مونکي ٽي_وي ڏسڻ جو شوق ناهي“

”اڙي! تو کي ناهي ته ڇا آهي، شيرو ۽ ٻيا ٻار ڏسندا“

شمن وري سفوران مٿان ٻانهن ڦيرائي، کيس پنهنجي ڀاڪر ۾ ڪيو ۽ هڪ ڳل تي مٺي ڏنائين. سفوران هن جي اندر جو چور پڪڙي ورتو هو سو سفوران پاڻ ئي پنهنجي قميص مٿي ڪري ڇڏي ۽ هي لڙڪيل گوشت جي ٽڪرن تي پيار منجهان هٿ گهمائيندو رهيو ۽ پيار منجهان هٿ گهمائڻ سان گڏ ٿوري هلڪي چڪ ۽ زور به ڏيندو رهيو. ان سان هڪ ته سفوران جي ڇاتيءَ مان کير ٽي وڙهو ته ٻئي پاسي هڪ سُرور تي محسوس ڪيائين سفوران کيس چيو:

”شيروءَ جا پيءُ! هنن جو مالڪ سامهون کٽ تي ستو پيو اٿي ڪجهه خيال ڪر.“

شمن سفوران جي ڪيچل سمجهي ويو چيائينس:

”اهو منهنجو پٽ آهي، اهو کير ته مان ڪير..... پهرين منهنجو حق آهي.“

ايتري ۾ شمن، سفوران کي زور سان ڀاڪر ۾ ڪيو، هاٿي ٻنهي جسمن زور سان ٽي ساهه کنيا، هڪ ٻئي سان ڇهتي پيا سندن وجود هڪ ٽي وجڻ لاءِ آتو هو. ٻنهي پاسي سهڪو وڌندو ويو، لطف مسلسل وڌي رهيو هو. ٻئي ڇٽا منزل طرف ڪاهي پيا، ٻئي بيخود ٿي پيا، سندن ساهه وچڙهندو رهيو، هاٿي سندن دنگ ويجهو هو ته ايتري ۾ ننڍڙو رُنو پر

هيڏانهن پنڌ منزل طرف تيزي سان جاري هو تنهن کي ڇڏڻ سولو ڪونه هو، هوڏانهن ننيڙي تيز روئڻ شروع ڪيو هيڏانهن سوار سهڪي پيو.

سفوران جلدي سان پاڻ کي ٺاهي ننيڙي کي وچي ڪٽي ٻُبو ڏنو ته هر طرف مٽي ماٺ ٿي ويئي. ٻئي زال مڙس هڪ ٻئي کي ڏسي مرڪي پيا.

صبح جو آسمان بادلن جي گهيري ۾ هو. شمن الله سائين جو نالو وٺي رزق جي تلاش ۾ گهران نڪتو. شام ڌاري جڏهن واپس گهر وريو ته سندس منهن لٿل هو، سفوران کيس اداس ڏسي پڇيو:

”خير ته آهي شيروءَ جا پيءُ؟“

هي موٽ ۾ ماٺ رهيو.

”چو..... ماٺ چو آهين..... ڪم نه مليو ڇا.......“

”هائو سفوران! ڪم ڪو نه مليو، ڏسين نه پئي ڇا هيڏو مينهن پيو آهي. اڄ مندي تي، ڪو به ڪم ڪرائڻ لاءِ ڪو نه آيو..... هر ڪو مزدور پنهنجي پنهنجي گهر ڏانهن راهي ٿيو... هر هڪ مايوس، مايوس به آخر چو نه ٿين، جنهن جي گهر ۾ اڄي ءِ پڄي، نه ته بک بڇي“

”اڙي! الله سائين مالڪ آهي هيانو لاٿو اٿي، اڄ نه ته سڀاڻي ڪم تي ضرور چڙهي ويندين.“

”سفوران! پوءِ گهر جو گاڏو ڪيئن گڙندو؟“

”تون ڪو اُلڪو نه ڪر، ڏکئي وقت لاءِ ڪجهه ڏوڪڙ بچائي رکيا هئم سي ڪم لائبا، وڏيڪ مالڪ سائين سٺائي ڪندو.“

شمن جي منهن تي هلڪي مرڪ تري آئي ۽ پاڻ کي هلڪو محسوس ڪيائين، کيس پاڻ تي رشڪ ٿيڻ لڳو جو هيڏي سليقي واري سگهڙ عورت هن جي زال آهي. هي اٿيو سفوران کي ڀاڪر ۾ ڪيائين، سندس سڄي ڏينهن جي مايوسي هڪ ڀاڪر ۾ پَرَ ڪري ڪيڏانهن اُڏامي هلي ويئي.

”ماٺهو تو ٺاهيان“

”ڇا تو ڪرين؟“

”چري ماٺهو تو ٺاهيان!“

”ڪيئن...؟“

”جيئن تون ۽ مان ٺاهيا ويا آهيون!“

”اِهو ڪيئن؟“

”ڏس! هيئن......“

”اهو غلط ڪم آهي!!“

”اهو غلط يا صحيح پر تون ۽ مان ٻئي ائين ئي ٺاهيا ويا آهيون“

”مطلب......؟“

”مطلب... تنهنجو پيءُ ماءُ... ۽... منهنجو پيءُ ماءُ پاڻ ۾ ائين ئي مليا آهن ته پوءِ تون ۽ مان ٻئي ٺهيا آهيون“

”تو ۾ ذرو به شرم حياءُ ڪونهي...... تون منهنجي ۽ پنهنجي پيءُ ماءُ لاءِ ايترو ڪِنو ٿو ڳالهائين.....“

”پر سهڻا! اها ته حقيقت آهي... تون ڪاوڙجين ڇوٿي.....؟“

”نه اِها حقيقت نه پر بي حيائي آهي..... مان تو جهڙي بي حياءُ سان هاٺي نه رهنديس.“

⦿

# ”ماڻھو تو ٿاھيان“

”چا تو ڪرين؟“

”چري ماڻھو تو ٿاھيان!“

”ڪيئن...؟“

”جيئن تون ۽ مان ٿاھيا ويا آھيون!“

”اِھو ڪيئن؟“

”ڏس! ھيئن.....“

”اھو غلط ڪم آھي!!“

”اھو غلط يا صحيح پر تون ۽ مان ٻئي ائين ئي ٿاھيا ويا آھيون“

”مطلب.....؟“

”مطلب... تنھنجو پيءُ ماءُ... ۽... منھنجو پيءُ ماءُ پاڻ ۾ ائين ئي مليا آھن تہ پوءِ تون ۽ مان ٻئي ٺھيا آھيون“

”تو ۾ ذرو بہ شرم حياءُ ڪونھي..... تون منھنجي ۽ پنھنجي پيءُ ماءُ لاءِ ايترو ڪِنو تو ڳالھائين.....“

”پر سھڻا! اھا تہ حقيقت آھي... تون ڪاوڙجين چوٿي.....؟“

”نہ اِھا حقيقت نہ پر، بي حيائي آھي..... مان تو جھڙي بي حياءُ سان ھاڻي نہ رھنديس.“

⦿

# ”جاميٽريءَ کان آلجبرا تائين“

ٻئي گڏ وينا آهيون.....

پهرين پنهنجو جاميٽري باڪس کوليائين.....

پلڪار ڪڍي ان ۾ پينسل وجهي هڪ گول ڪڍيائين ۽ پوءِ پلڪار جي ئي مدد سان انهيءَ ساڳئي گول ۾ هڪ گل ٺاهيائين... ڏاڍي خوش ٿي ۽ مون کي ڏنائين.....

پوءِ فوٽ پٽيءَ جي مدد سان هڪ مستطيل ٺاهيائين.....

وري هڪ چورس ٺاهيائين..... ڏاڍي خوش ٿيندي رهي.....

پيهر پلڪار کڻي پنج ڪنڊو ٺاهيائين..... ائين ڇهه ڪنڊو ۽ پوءِ ست ڪنڊو ٺاهيائين ۽ مون کي ڏسي خوش ٿيندي رهي. مان سندس خوش ٿيڻ تي ئي خوش هيس. هيءَ جيترو جاميٽريءَ تي عبور رکندي هئي ۽ اوترو آلجبرا تي ٻه، ٽي آئون جيڪو نندپڻ توڙي هن مهل تائين انهن مضمونن کان پري ڀڄندو آيو آهيان ۽ منهنجو گهڻو ڌيان راند روند ۽ تصويرن ٺاهڻ ۾ گذرندو هو ۽ هاڻي ڪلارڪ ۽ ڪهاڻيڪار..... پر هيءَ جو مون کي ايترو گهڻو پڙهي وٺي ته مان ڇا ڪيان.....!

وري فٽ پٽي کڻي هڪ ڊگهي لڪير ڪڍيائين، لڪير جي هڪ ڇيڙي تي ”الف“ لکيائين ۽ ٻئي ڇيڙي تي ”ب“ ۽ وڏيڪ خوش نظر آئي پر منهنجي دل دلگير ۽ اپاڪي ٿي ويئي، ڇو ته مون کي محسوس ٿيو انهيءَ لڪير جي هڪ ڇيڙي تي مان بيٺو آهيان ته ٻئي ڇيڙي تي هوءَ..... هڪ ٻئي کان جدا جدا جاميٽري ۽ آلجبرا جي حسابن وانگر..... تڏهن منهنجون اکيون پرجي آيون ۽ پاڇي ڪجهه به نه بچيو هو.

”ڇئن منٽن جي دوري تي“

دل جو رشتو به عجيب رشتو آهي. سالن کان وٺي هڪٻئي کان پري پوءِ به سوين ميلن جي مفاصلي تي تند ڪي ٽپائي رکيو آهي. انهيءَ نازڪ رشتي کي جديد ايجاد موبائل فون تي قائم رکيو آهي. صرف آواز جي دنيا جا ساٿي ٿي ڪري. شام جو ”مس ڪال“ ڏنائين، الاهي ڏينهن کان پوءِ ته هڪدم ”ڪال“ ڪئي ماس ته ڇپائين.

”جان! اڄ رات جو يارهين وڳي ”مس ڪال“ ڏيندي سانءِ پوءِ ڳالهائينداسين“

۽ پوءِ ڪال ڪٽجي وئي. تمام گهڻين بندشن هوندي موبائل کي ”چارج“ ڪرڻ ۽ ننڊڙي گهر ۾ ماحول ڏسي ڳالهائڻ ۾ وقت ته لڳي وڃيس ٿو، پر صرف هن جو آواز ٻڌڻ لاءِ اپاڪو رهندو آهيان ۽ جنهن ڏينهن ڳالهائڻ لاءِ وقت ڏيندي آهي ته ان ڏينهن ته خوشي ۽ بي چيني وڌي ويندي آهي پر وقت جيڪو ڳالهائڻ دوران ڪلاڪ منٽن وانگر ۽ منٽ سيڪنڊن وانگر سفر ڪندا آهن، جڏهن ته انتظاري وارو ظالم وقت دل جي ڌڙڪن تي چڙهي ويهي رهندو آهي ۽ ان کي تيز ڌڙڪائيندي گذرڻ جو نالو ئي ناهي وٺندو.

ائين ئي اڄ ڳالهائڻ لاءِ رات جي يارهين وڳي ”مس ڪال“ جو انتظار ڪري رهيو آهيان. ڪيبل تي ويهي مختلف چينل چيڪ ڪري هڪ فلم ڏسڻ لڳان ٿو. فلم سٺي آهي پر يارنهن طرف وڌندڙ ڪانٽي تي به نظر آهي. فلم کان وڌ ڌيان گهڙيال تي آهي.

پوءِ يارنهن... ٻارنهن... هڪ... ٻه... ۽ پوءِ مون کي ننڊ جو گهيرٽ..... ٿي لڳي ڇئن منٽن تي ڏسان ٿو ته پوري ٽين وڳي ٻه ”مس ڪالز“ لڳل آهن..... ذهن تي گهٽي ئي ڪاوڙ چڙهي ڇهڪ هلائڻ لڳي ٿي... ۽ موبائل فون کي..... شديد ڏک منجهان پيٽ سان لڳائي ڇڏيان ٿو..... ۽ منهنجون اکيون زوارو قطار روئڻ لڳن ٿيون.....